# زندان جي جهروڪي مان



ڪامريڊ
غلام محمد لغاري

[illegible]

١٦-٨-٨٥

# زندان جي جھروڪي مان

ڪامريڊ غلام محمد لغاري

مهاڳ

عبدالواحد آريسر:

پنھور اشاعت گهر حيدرآباد

آءٌ زنـدان جــي جهروڪي مان نهار
ڪيڏي پياري رات آ

آسمان مان ڪري ٿو چانديءَ جو آبشار
ڪيڏي پياري رات آ

هي هوا، هو هيج ۽ سامهون ڪجورين جي قطار
ڪيڏي پياري رات آ

## پنهور اشاعت گهر جو چوٿون ڪتاب


نالو — زندان جي جهروڪي مان
مصنف — ڪامريڊ غلام محمد لغاري
صنف — جيل مان خط
مرتب — مظهر لغاري
ڇپائيندڙ — پنهور اشاعت گهر حيدرآباد
ڇپيندڙ — شهباز پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي حيدرآباد
قيمت — ٩-٠٠ رپيا



(ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ)

# سنڌ جي مظلوم عوام جي نالي

ھي ماڻھوءَ وِھڻ جو ڏُک ٿيا،
جيئن لُڪ لڳي تيئن رُک ٿيا. — اياز

# انقلاب جي حڪمت عملي

## (مائوزي تنگ)

سياست به هڪ علم آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ سوچڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت آهي.

جهڙي ريت سائنس جي علم کي سمجهڻ لاءِ تجربا ۽ مشاهدا ڪيا ويندا آهن. ساڳي ريت سياست ۾ پڻ تجربن ۽ مشاهدن جي ضرورت آهي ۽ سياست پڻ ڪجهه اصولن ۽ ڪن بنيادن تي هلائڻ سان ئي ڪارگر ۽ ڪارآمد نتيجا نڪري سگهن ٿا ۽ انهن نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ به ڪارگر حڪمت عملي تيار ڪرڻ نهايت ضروري آهي، اهڙين سياسي ۽ تنظيمي اصولن ۽ طريقه ڪار کي سمجهڻ لاءِ ويهين صديءَ جي ڏاهي انسان **مائوزي تنگ** جي فڪر انگيز خيالن جو مجموعو "انقلاب جي حڪمت عملي" اوهان ضرور پڙهو.

سنڌيڪار: علي نواز ٻٽ

# سنڌ مرياءِ

'اياز' لکيو آهي:

هي تنهنجي ياري، ڪُنڌي ڪاپاري!
مون کان مور نه وسرين.
تو بن مان جيئن لُڪ ۾، ٿانگر جي ٿاري!
مون کان مور نه وسرين.
تو بن مان جيئن سمنڊ جي ورير ٻنان واري!
مون کان مور نه وسرين.
آڏون آجهاڻل ڏيئڙو، ۽ تون ڏياري-
مون کان مور نه وسرين.

۽ جڏهن هن موڪلايو، تڏهن مون کي ائين لڳو، ڄڻ ڪنهن مون کي ڪارونجهر تان ڌڪو ڏيئي ڪيرايو هجي. ڄڻ سچائي منزل ۽ سنڌڙي روڻ ويران ۽ کوکلا ٿي ويا هجن. ٿر جي ويران ۽ اداس پٽن، آماس رات جا ڪارا ڪپڙا پاڏئي، "سچ جي موت" جو ماتم ڪيو هجي.

يا ته اسان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي هلياسين ٿي. ريل ۾ يا جيل ۾؟ يا ته اڄ مون کي سنڌس لاش کي ڪلهو ڏيڻو پئجي رهيو هو. وقت دنيا جو پيانڪ روپ وارو دهشتناڪ ڀڪنيتر آهي-

اي ديس! توکي سلام تو ڪريان، آهو سلام جيڪو منهنجي پياءَ جي چپن تي هيو ۽ هو چئي نه سگهيو هو. اي ديس مان تنهنجي واهڻ واهڻ، وستي وستي،

نگر نگر ۽ شهر شهر کي سجدو ٿو ڪريان. آهو سجدو جيڪو سندم پيءُ نه ڪري سگهيو ۽ موت ان جي مهلت ڪيس نه ڏني. اي عمر! مان توکي ته نه؛ پر تنهنجي ڪوٽ کي سلام ٿو ڪريان، جنهن ۾ مون ۽ منهنجي پيءُ زنجيرن ۾ جڪڙجي گڏ گذاريو آهي. اي مڇ جيل جون ديوارون، مان اوهان کي به سلام ٿو ڪريان جن تي سندم پيءُ اڪيلائيءَ ۾ ويهي سر مارئيءَ جا بيت لکيا ها. او هٿڪڙيون! مان اوهان کي به سلام ٿو ڪريان، توهان اڄ به منهنجي پيءُ جي هٿن ۾ آهيو، ڇو ته هر سنڌي سندم پيءُ آهي.

اي ڪوٽ! اچا اوچا ٿيو، پر يقين رکو - مارئي اوهان سان سر ٽڪرائي ٽڪرائي اوهان کي ڪيرائي وجهندي. آخر به ته مهراڻي جي راڻي آهي. آخر به ته روپلي ڪولهيءَ جي ٿر جي آهي. منهنجو پيءُ انهيءَ سمنڊ جو هڪ ٿيڪو هيو، جيڪو عمر جي ڪوٽ کي ڪيرائڻ لاءِ سنهيري اٿيو آهي.

منجهان منهنجي روح، جي وڃي ساجن وسري،
ته مــــر لڳي لوهه، ٿر پاپهو تي مــــران.

**ڪامريڊ غلام حيدر لغاري** ١٧-١-١٩٨٥ع

سرناو:
ٽپال گهر نبي سر روڊ
ضلعو ٿرپارڪر سنڌ.

# مهاڳ

جڏهن انساني سماج هيٺا ۽ پابند سماج بڻجي ويندا آهن. جڏهن تاريخ جي ڪنهن موڙ تي ڪن قومن جي تاريخي اوسر روڪي ويندي آهي. ۽ جڏهن ڪنهن سماجي ڍانچي ۾ تاريخي تبديلين جي سامهون بند ٻڌا ويندا آهن. اهڙي وقت، اهڙن هيٺن ۽ پابند سماجن، پنهنجي تاريخ پاڻ ڌاهڻ جي حق کان محروم قومن ۽ تاريخي تبديلين کان بندڻيل سماجي ڍانچن ۾ ڪم ڪندڙ اهي ادارا، تربيت گاهون ۽ درسگاهون جيڪي صدين کان انهن سماجن، قومن ۽ سماجي ڍانچن ۾ فرد جي انفرادي توڙي اجتماعي تعمير، واڌ ويجهه، ڦلرائڪ وٽ بڻائڻ لاءِ سرگرم هوندا آهن، سي به منڊجي ويندا آهن. پنهنجو ڪارائتو ڪردار ادا نه ڪري سگهندا ۽ انهن جي تعليم ۽ تربيت سماجي اوسر ۾ اثرائتو ڪم ڪري نه سگهندي آهي. نه رڳو اهي ادارا يا تربيت گاهون ڪو مؤثر ڪردار ادا ڪري نه سگهنديون آهن. پر ڪجهه وقت گذرڻ ڪري پاڻ مورڳو منفي ۽ تباهه ڪن لاڙا پيدا ڪرڻ ۾ ڏاڍ ۽ جبر ڪندڙ طاقتن جي هٿ ۾ اثرائتا هٿيار ٿي ڪتب اچڻ لڳنديون آهن. تعليم ۽ تربيت جا اهي ٻئي ادارا آهن هڪ انساني ماحول ۽ ٻيو ان سماجي ڍانچي

سينو ساهڻ جي همت ۽ حوصلو نه پيدا ٿئي. ٻئي پاسي اهو غلام ۽ هيٺو سماج عورتن کي ذهني ۽ نفسياتي طرح خود اعتمادي ۽ خود شناسيءَ جي ولولي کان محروم ۽ مفلوج ڪري مرد جي هٿ ۾ رانديڪو بنائي رکندو آهي. اهو سماج هڪ عورت کي اهو سيکاريندو آهي ته عورت عقل ۾ گهٽ ۽ جسم ۾ ڪمزور آهي. ايتري ڪمزور جو اها پنهنجي عزت ۽ جسم جي به حفاظت نه ٿي ڪري سگهي. ان ڪري ان جي حفاظت به ڏاڍو (مرد) پيءُ، پٽ، ڀاءُ، مڙس، ڳوٺ جو پريو مڙس| حاڪم ئي ڪري سگهي ٿو. ظاهر ڳالهه آهي جنهن شخص يا وجود کي اوهان ذهني ۽ جذباتي طرح ايترو پست ڪري ڇڏيو جو اهو پنهنجي لڄ ۽ جسم نه ٿو بچائي سگهي ته پوءِ اهو ڏاڍ ۽ ڏمر جي خلاف ڪهڙا ڪات ڪهاڙا ڪڻي سگهي ٿو. اجهو اهڙيءَ ريت سماج جي تعليم ۽ تربيت جو هڪ ادارو پنهنجو منفي ڪردار ادا ڪرڻ لڳندو آهي.

تعليم ۽ تربيت جو ٻيو ادارو آهي رسمي تعليم يا لک پڙهه سيکارڻ جو ادارو جيڪو هر سماج ۾ ڪنهن نه ڪنهن سطح تي بهرحال موجود رهندو آهي. اهو ادارو ئي آهي جنهن انسانيت کي بنائڻ ۽ سينگارڻ ـ سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا پئي ڪيو آهي ۽ ادا ڪندو رهندو؛ پر هيٺن ۽ پابند سماجن ۾ اهو ادارو به حاڪمن جي هٿ ۾ هٿيار بنجي ويندو آهي ۽ انسان کي اهڙي تعليم (حاڪمن طرفان نازل ٿيل) ملندي آهي، جيڪا

سماج اندر تعليم ۽ تربيت جا باغي ادارا نہ رڳو وجود ۾ اچي چڪا هئا، پر وڏي ويجهي بالغ ٿي چڪا هئا. اهي اهڙا فڪري سانچا تيار ڪري رهيا هئا جن ۾ جنهن بہ انسان جو بوٽو آيو سو آڪاش ۽ ڌرتيءَ جو ڏٺي ڀنجي ويو. غلام محمد لغاري بہ اهڙن تعليمي ڍانچن ۽ سانچن ۾ داخل ٿيو، جنجا جوڙيندڙ گانڌي ۽ ابوالڪلام کان وٺي جي. ايم سيد ۽ حيدر بخش جتوئي تائين هن ڌرتيءَ جا لاڪيڻا پٽ آهن. ٻئي طرح ڪانگريس ۽ خاڪسار کان هاري پارٽي ۽ عوامي ليگ تائين اهي تحريڪون ۽ تنظيمون آهن جن هند سند جي ماڻهن جا ذهن ۽ ضمير جاڳايا، غلامن کي حڪومت ڪرڻ جا موقعا موجود ڪري ڏنا.

ڪڏهن ڪڏهن سانچا ٽٽي ويندا آهن انهن مان نڪتل سر نہ ٽٽندي آهي، ساڳي حالت غلام محمد لغاري جي بہ رهي. ڪانگريس ويئي، عوامي ليگ ويئي خاڪسار ختم ٿي، پر غلام محمد جي ظلم ۽ جبر جي هرشڪل ۽ صورت سان جنگ جاري رکڻ واري طبيعت نہ بدلي ۽ هو سنڌي سماج جي هيٺائيءَ کي طاقت ۾ بدلڻ ۽ پابنديءَ کي آزاديءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو ۽ جيل ڪاٽيندو آيو. سندس گرفتاريءَ جو آخري وارنٽ سندس وفات کان پنج ڏينهن پوءِ پوليس ڪٺي سچائي منزل تي پهتي ۽ جڏهن پوليس کي ٻڌايو ويو تہ غلام محمد لغاري وفات ڪري ويو آهي تہ پوليس غلام محمد جي موت کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. حقيقت ۾ پوليس

وارا سچا هئا. غلام محمد جهڙا ماڻهو مرنا ناهن. اهي اڄ به زنده آهن ۽ انساني تاريخ ۾ پنهنجي فڪري روشنيءَ سان سدائين لاءِ چمڪندا ۽ مهڪندا نظر ايندا. جيئن ڪامريڊ غلام محمد لغاري هنن خطن ۾ اڄ به زنده آهي، سپاڻي به زنده رهندو. هي خط هن جيل مان پنهنجي دوست مير علي بخش کي مخاطب ڪري لکيا هئائين. اڄ جڏهن اهي ڇپجي رهيا آهن، تڏهن اهي ٻئي دوست ستارن جي جهروڪن مان سنڌي سماج جي تبديليءَ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد کي ڏسي نيون رٿون رٿيندا هوندا.

عبدالواحد آريسر

ميرپور خاص

١٣-٤-٨٥

# سڪرسبيءَ ڏينهن، جي گهاريا مون بند ۾!

هيءَ منهنجا پريشان خيال آهن، جي مون جيل جي تنگ و تاريڪ ڪوٺڙين ۾ قلمبند ڪيا آهن. مون کي اهي پڙهي، درست ڪرڻ جو موقعو نه مليو آهي، تنهنڪري ڪا غلطي يا ڪمي بيشي هجي ته ان لاءِ مون کي معاف ڪيو وڃي. شايد اهي، منهنجي دوست علڻ تائين پهچن، يا پهچڻ جو ڪو سامان ئي پيدا ٿي پوي. بس انهيءَ ئي آسري تي مان اهي سنيها ۽ سوچون لکندو ۽ گڏ ڪندو رهيو آهيان.

منهنجو علڻ هڪ ڳوٺاڻو نوجوان آهي. منهنجي قوم جو فرد آهي. ٿي سگهيٿو ته اهو هڪ ڪردار ئي هجي جنهن وسيلي مان پنهنجا سنيها پنهنجي نوجوانن ڏي موڪليندو هجان. ان بابت پڙهندڙ ئي سوچي ۽ سمجهي سگهن ٿا.

هيءَ لفظ ڪن لاءِ آهون ۽ دانهون آهن، ته وري ڪن لاءِ جنون جو سامان. هيءَ ڪتاب ڪن لاءِ اچڻ واري دور جو انقلاب ۽ سورة اصرافيل جو ڪم ڏيندو، ته ڪي وري مون تي پاڳل هجڻ جي فتوي ڏيندا.

بهرحال، مون جيڪي قيد ۾ ڪرب جون گهڙيون ڪاٽيون آهن، تن ۾ هيءَ ڪٿون ڪٿون ڪري گڏ ڪيو اٿم. اها ئي منهنجي ڪُل ڪائنات آهي. منهنجي

جيون جي تجربن جو نچوڙ آهي.

هن 2!7x جي ڪوليءَ (جتان هي به اکر لکي رهيو آهيان) جي دَرَ کي سامهون ڦاسيءَ گهاٽ آهي. هر پندرهين ويهين ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن کي سُوري سينگاريندي ڏسندو آهيان، ڪيئي ڪوندر ڪُسجي ويا آهن! ڪي اڃا به اوسيئڙي ۾ رات ڏينهن پيا ڳڻين ـــ تنهنڪري هن جاءِ تي ڦاسيءَ گهاٽ جي سامهون رهي، مون کي قيديءَ جي سوچن جي افراتفريءَ ۽ ذهني انتشار جو صحيح پتو پيو آهي.

هنن اکرن ۾ سترهن تالن جي اندر بند ٿيل قيديءَ جي مَنَ جي سوچ ۽ لوچ آهي. چاهي منهنجي علق کي وڻن يا نه وڻن. ليڪن جيڪي گهڙيون مون ڪانئس جدائيءَ ۾، سنڌ کان جدائيءَ ۾ گهاريون آهن؛ سي منهنجي زندگيءَ جو قيمتي سرمايو آهن. اهي لفظ منهنجي دل جا ڌڪڙ آهن. منهنجي من جون صدائون آهن. منهنجي اندر جا آدمسا آهن، جن کي منهنجي قيدي قلم پئي لکيو آهي.

سينٽرل جيل ـــ غلام محمد لغاري

حيدرآباد سنڌ.

ا

25-10-1958

پيارا علي

ارادو اٿم ته هر روز هڪ خط ۾ توسان مخاطب ٿيان- ائين خط لکندو پاڻ وٽ رکندو ويندس- پوءِ زندگي وفا ڪئي، ته اِهي خط تو تائين ضرور پهچائيندس. انهن خطن کي ئي منهنجي جيل جي ڊائري سمجهجانءِ.

هيءَ، منهنجي؛ جيل جي ڇهين زيارت آهي. جيل جي زندگي آهي، نظرون جيتوڻيڪ ديوارن سان ٽڪرائجي واپس اچن ٿيون، پر آن هوندي به دل آزاد آهي. هزارين پهرن ۽ نگرانين، بندوقن ۽ گولين جا چار وچايل آهن، پر اسان جي دل تي ڪير ٿو پهرو وجهي سگهي؟!

دل ته اهڙن سوين پهرن کي لتاڙي ٻاهر گهمي رهي آهي:

هينئون منهنجو هُت ٿيو، هيت ميٺي ۾ ماهه!

(شاهه)

مون کي جتي بند ڪيو ويو آهي، اهو علائقو ڀِراڻي ڦاسي گهاٽ جي نالي سان مشهور آهي. هن وارڊ جي بلڪل سامهون ڦاسيءَ جو تختهِ دار آهي. هي سنڌ جو قديم جيل آهي. سنڌ ۽ سنڌين کي انگريزن جو مارشل لا ۽ جيلون به ياد آهن ۽ هن دور جو مارشل لا ۽ بنديخانا به ياد رهندا. انگريزن جنهن ڪوٺيءَ ۾ پير صاحب پاڳاري کي رکيو هو، ۽ جتان کيس وٺي وڃي

شهادت جو جام پيئاريو هئائون؛ آهـا ڪولي بـہ هن ٿي وارڊ ۾ آهي. رحيم هگورو بہ منهنجي پـر واري ڪوليءَ مان پڳو هو ۽ آتان ئي چڙڪي ڪيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو هو.

سامهون هن وقت بہ ڪيترا ڦاسيءَ جا قيدي آهن، جن جي قرآن پڙهڻ جي تنوار پئي ٿي پوي! نمازون، روزا، قرآن ۽ وظيفا، جيترا هنن رهزنن، چورن، ڌاڙيلن ۽ قاتلن جي وسَتيءَ ۾ آهن، اوترا شايد ٻاهر بہ نہ هجن.

هيءَ "ڏوهارين ڪي سڌارڻ جـي جاءِ" چئي وڃي ٿي، پر هتي سڌاري جا امڪان نـہ هجڻ برابر آهن. وڏن محلن ۽ بنگلن ۾ رهـڻ وارا سفيدپوش ڏوهاري، جيڪي پنهنجي زور ۽ اثر جي ڪري قانون جي چڪرن کـان آجا آهن، سي هڪ طرف تـہ دنيا تي پنهنجي منصف هجڻ جو ڏاڪو ويهاري رهيا آهن، ۽ ٻئي طرف هنن غريبن کي بند ڪري اطمينان سان پنهنجن رنگ رلين ۽ عياشين ۾ مصروف آهن.

بنيادي طرح سان اندرين ۽ ٻاهرين، ظاهري ۽ لڪل ڏوهارين ۾ ڪوبہ فرق ناهي.

هن شعر سان اڇوڪي ملاقـات ختم ڪريان ٿـو، جيڪو مولانا آزاد، پنهنجي پاڪستاني يارن لاءِ چيو هو:

بـہ آن گروهہ ڪہ، از ساغر وفـا مَستند،
سلام ما بـرسانيد، هـر ڪجـا هَستند!

— قيدي

# ٣

28-10-1958

پيارا علڻ

اج صبح ساڻ اسان کي خوشخبري ملي آهي، ته اسڪندر مرزا جي صدارت جو ”خير سان“ خاتمو ٿيو.

جيل ۾ وقت پاس ڪرڻ لاءِ قيديءَ کي ڪو بهانو تلاش ڪرڻو پوندو آهي. مان به مطالعي ۽ انگريزي سکڻ ۽ دوستن سان تاش کيڏڻ ۾ وقت پاس ڪندو آهيان. ڏيپلائيءَ جا لطيفا به جيل ۾ ڪافي ڪلائيندا آهن. مڙئي وقت پيو گذري.

ديس مان اوندهه ٽرڻ ۽ مئوذين جي مرڻ جا في الحال ته ڪي به امڪان ڪينهن. پر پوءِ به خبر ناهي ڇو، اهو يقين اٿئون ته اسان پلي ڪٽي تڪليفن ۾ هجون، پر اسان جا ماروُ، سانگي هن اونداهي رات مان ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور نڪرندا. سُوراج اسان نه ڏٺو ته اسان جا نسل يا انهن جا به نسل ضرور ڏسندا.

اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو!

— قيدي.

# ٣

29-10-1958

پيارا

هيءَ گناهگارن ۽ ڏوهين جي وَستي آهي ـــ ۽ مجرمن جو گڙهه ـــ سوچيان ٿو ته هنن جيلن، پوليس ۽ عدالتن جي تشڪيل تي ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا ٿا وڃن، اُتي جيڪر انسانن جي بنيادي سڌاري لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي.

سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته آخر ڏوهن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ ڏوهن جو بنيادي ڪارڻ سماجي اڻ-برابري آهي. هڪڙا اهڙا آهن، جيڪي دولت جي نشي ۾ آڌوت آهن، ۽ آهي ئي هيٺئين طبقي کي ڏوهن لاءِ اُتساهيندا ۽ همٿائيندا آهن، يا ڌاڙيلن ۽ بدمعاشن کي چئي پين جي لچ لٽ ڪرائيندا آهن، دشمنيون پاڙيندا آهن. جن جي ڪري آخرڪار ستايل به پلاند ڪرڻ جي جذبي تحت اُٿندا آهن. آهي هن سماج سان نفرت جي ڪري يا تنگدستيءَ ڪارڻ ڏوهه ڪرڻ شروع ڪندا آهن.

هر هڪ ڳالهه جو پس منظر ڪڍي ٿو ڏسجي ته اِها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته دولت جي گهٽائيءَ جي ڪري جيسٿائين چند ماڻهو هتي جي پيدائش جي واحد وسيلي يعني زمين (زراعت) تي قابض آهن، انهيءَ زمين ۾ رهندڙ غريبن جي عزت، عصمت، محنت ۽ سندن زندگين جا

ماڻڪ آهن، تيستائين هن ”ڌوهن جي وسنتيءَ“ جو ويران رهڻ مشڪل آهي.

تعليم جي گهٽتائي به ڌوهن جو سبب ٿي سگهي ٿي. پر بنيادي ڳالهه آهي ناڻي جي گهٽائي! جيڪا ڌوهن جو اصلي سبب آهي. سرمائي جي اِها گهٽائي (افراطِ زر) مٿين طبقن وارا ”نيڪ بندا“ (سرمائيدار ۽ ڪارخانيدار وغيره) پيدا ڪن ٿا. سندن نظرن ۾ پيا جڻ ته انسان ئي ناهن. انهن چند ”جنس ـ لطيف“ کان سواءِ لکين ڪروڙين مزدور، پورهيت، هاري، ننڍا ملازم ۽ ننڍا واپاري ئي صحيح معنيٰ ۾ هن سماج جا هلائيندڙ آهن. پر سماج ۾ انهن جي عزت ذري برابر به ناهي. ڏيک آهي، مذهب وٽ پلائيءَ جو رستو آهي. پر واعظن سان ته هيءَ گنڀير مسئلو حل نه ٿيندو ـ! ـــ آهو ڏينهن ته ضرور ايندو، جڏهن ڪڙميءَ جــي گهر مــان بک ۽ بد حالي، غربت ۽ جهالت جو خاتمو ٿيندو. مزدور سڄي ڏينهن جي مزدوريءَ بعد شام جو ڪار تي چڙهي ٻارن کي سير ڪرائيندو، ۽ زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن اٽي، لٽي، اجهي، تعليم ۽ علاج وغيره جــي ڳڻتين کان آزاد ٿيندو. تڏهن سمجهبو، ته آزادي هاڻي آئي آهي.

چڱو پيارا،

صرف تنهنجو:

ـ قيدي.

# ٤

2-11-1958

پيارا علي

اڄ آچر جو ڏينهن آهي. قيدي سڄيءَ جيل ۾ ڪپڙا پيا ڌوئين. پري پري کان ڪپڙن جي سٽڪن جو آواز اچي رهيو آهي. منهنجا همراهي به جيل جون گهڙيون گذارڻ لاءِ مختلف مشغولين ۾ رُڌل آهن — ڪامريڊ جتوئي قرآن جو سنڌي ترجمو پيو پڙهي. بدر ۽ مسٽر ٽنڊائي "ڊِبُو" راند پيا تا کيڏن. ڏيپلائي انگريزي پيو سکي، ۽ مان ...... توسان مخاطب آهيان. پهرين فرصت ۾ توسان ملاقات ڪري، پوءِ پيو ڪو ڪم ڪندس.

اسين جڏهن کان هتي آيا آهيون، بس هڪڙي ئي وارڊ ۾ بند آهيون. ٻاهر جهاتي پائڻ به نٿي ڏني وڃي. جيستائين جيل اسان جي زندگيءَ ۾ سمائجي نه وڃي، يا وري اسين جيل ۾ بلڪل سمائجي نه وڃون. هن ڀيري اڳين ياترائن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه وڌيڪ سختي آهي، انهيءَ هوندي به جيل جي هر خبر بنا ڪنهن تند ۽ تار جي دير يا سوير پهچيو ئي وڃي.

جيل کان سواءِ ٻاهرين دنيا به عجيب چڪرن ۾ آهي. بي وفائي، بي حيائي هن "اسان جي ملڪ" ۾ سياست آهي. جيڪو هڪڙي ڪي مٿي تو آڻي، مٿي اچڻ وارو ئي انهيءَ جي پاڙ ٿو پٽي. اردوءَ ۾ چوڻي آهي ته:

جيترا بڙا ڄُوٺا اور بي وفا،
آتـرا هي بـڙا سياستدان!

اسان انهيءَ ڳالهه تـي سوچي ڪنهن وقـت حيران ٿيندا آهيون ۽ ڪڏهن وري کلي ڏيندا آهيون ته ڪيئن پيو دنيا جو چرخو هلي. پاڪستان جي زندگيءَ جا ڏهه سال به عبرت انـگيز آهن ۽ سکڻ لاءِ گهڻو ڪجهه مواد رکن ٿا. هتي جي سياست به عجيب آهي ته هتي جا سياستدان به، هتي جون اخبارون به عجيب آهن ته هتي جا ماڻهو به عجيب آهن. ۽ باچا خان (غفار خان) چوائيءَ ته: ”هيءَ ملڪ به عجيب آهي.“

اسان بـه ”عجيب“ آهيون. جيئن سور ۽ سختيون گهٽيون، تيئن خوشي به گهٽي. پشيمانيءَ جو نالو بـه ڪونه ٿو اچي. شروعات کان ئي طبعيت اهڙي آهي، جا بـاز نٿي اچـي. سوين قيد ۽ بند جـون تڪليفون آهن، تڏهن به طبعيت پوئتي هٽڻ جو نانءُ ئي نٿي وٺي. هاڻي ته اڳتي ئي وڌبو رهبو. پنهنجون پيڙيون ته پوريان .... سازي آيا آهيون.

صرف تنهنجو:
– قيدي.

# ٥

3-11-1958

پيارا ڪامريڊ!

اقتدار جي ٻڪ انسان کي انڌو ڪري ڇڏيندي آهي. اقتدار ۾ اچڻ لاءِ بي وفائي ۽ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ، محسن ڪشي پراڻيون ڳالهيون آهن. تاريخ اهڙن واقعن سان پري پيئي آهي، جو اقتدار ڪاڻ ڀٽ، پيءُ جون اکيون ڪڍرايون هجن، يا پاءُ مارايا هجن. هيءَ هنسا، تشدد ۽ مار ڌاڙ، انسان خود غرضيءَ لاءِ ڪندو آهي. جنهن هو جيڪو چاهي، سو ڪري سگهي. ڪيس ڪوبه روڪڻ ٽوڪڻ وارو نه هجي. ڪابه رڪاوٽ نه هجي. مٿاڇريءَ نظر سان به ڏسڻ ۾ ايندو ته هيءَ جنگيون، جهيڙا ۽ فتنا؛ هيءَ ڪروڙين ڊالرن جو خرچ صرف ڪنهن هڪ فرد جي اقتدار خاطر، يا ڪنهن گروهه، جيڪا آئيڊيالاجي (Ideology) يا جيڪو مذهب اختيار ڪيو آهي، انهيءَ خاطر، يا پنهنجي واپاري منڊين کي محفوظ رکڻ جي سامراجي مقصدن ڪاڻ ڏئي ڪيو پيو وڃي. هيءَ ايٽمي ايجادون ۽ انسانذات جي تباهيءَ جا هٿيار، سڀ ڪنهن فرد يا ڪنهن گروهه جي هڪ هٽيءَ قائم رکڻ لاءِ ڪيا پيا وڃن. پر پيارا! اهو وقت به اوس ايندو جڏهن اهي تباهي آڻيندڙ هٿيار بارود خانن ۾ پيل رهجي ويندا. ۽ دنيا جي سڀني ملڪن جا انسان هڪ ٻئي کي غلام بنائڻ، مارڻ ۽ نسلي برتريءَ

جي جنجهڙن کي چڙهي پنهنجو آئيندو آڏو لاءِ جاکوڙ ڪندا. اهو آئيندو، جتي ڪوبہ ڪنهن جي رت جو پياسو ڪونہ رهندو. جتي پورهيتن مسڪينن ۽ غريبن جو استحصال نہ ٿيندو. ڪوبہ اڪيلو فرد يا گروهہ زمينن سمنڊن، دريائن، سون چانديءَ جي کاڻين، پيٽرول، ڌاتن، ۽ ڪوئلي ۽ سنگمرمر جي کاڻين تي قبضو ڪري، انهن کي پنهنجي ذاتي ملڪيت نہ بڻائي سگهندو، ۽ هتي .... هن دنيا ۾ ئي انسان حقيقي بهشت اڏي سگهندو.

اُنهيءَ ڏينهن جي اوسيئڙي ۾:

ــ قيدي.

٦

5-11-1958

پيارا علي

ڪالهہ کان طبعيت خراب آهي. ڪجهہ ذهني ڪوفت بہ آهي. چاڪاڻ تہ ڪافي ڏينهن کان گهوٽان ڪا تازي خبر نہ آئي آهي، ۽ نہ ڏي ڪين منهنجي بـاري ۾ ڪا خبر آهي. سوچيان ٿو تہ سماجي بندڏن ۾ قيد رهندي، هتي سياسي ڪم بہ مصيبت کان گهٽ ناهي.

هن سماج ۾ سچي ۽ صحيح رخ واري سياست جي منزل اهـا آهـي، جو هاڻي هتي جا در ديوار ۽ لوهي سيخون آهن ۽ مان آهيان.

پيارا ـــ! هتي قيديءَ جـي خوش ٿيڻ جا سبب صرف ٽي هوندا آهن:

(١) جيل مان آزادي

(٢) ملاقات

(٣) خط (يعني اڌ ملاقات).

آئـون جڏهـن سکر جيل ۾ سيفٽي ايڪٽ ۾ بند هئس، ان وقت منهنجي ملاقـات بند هئي، خط تي بہ بندش هئي. پر وارن سان ڳالهائڻ تي بـہ بندش هئي. مرحوم ڊاڪٽر خان صاحب جو وڏو پٽ، خان عُبيدالله خان ڪنهن وقت اچي مون سان ڳالهائيندو هو ۽ بس. اهو وقت مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو، ان جي خبر منهنجي

دل کي ٿي آهي. خير! آهو وقت بہ گذري ويو. هاڻي
رڳو چند يادون ئي باقي آهن. اهڙيءَ طرح هيءَ ڏينهن
بہ گذري ويندا ۽ پوءِ وڃي رهنديون يادون!

يادن جي ڪتاب جا ڪجهہ ورق ورن ٿا:

دوست—! مون جيڪي ڪجهہ حاصل ڪيو، انهيءَ لاءِ آن ڪان وڌيڪ سختيون سٺم. پنڌن جون سختيون بکون ۽ ڏولاوا ۽ پيا انيڪ- اڻ ڳڻيا ڏک، ڪڏهن هر هلائيندو رهيس، تہ ڪڏهن اندر جي لوهہ کي تپائي لوهار ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم. ڪڏهن واڍاڪو ڪم ڪيم، ۽ ڪڏهن وري موالين جي سرخروئي حاصل ڪرڻ لاءِ (پنّ جون) بيڙيون بہ ٻڌيم، ڪڏهن ملتان جي بنديخاني ۾ ٻانڌي ٿيس تہ ڪڏهن وري عمر جي ڪوٽ * ۾ قيد جون گهڙيون ڪاٽي، مارئيءَ جي ملڪ سان محبت، پنهنوارن سان پريت ۽ ڪتي ۽ لوئيءَ کي پٽ پٽيهرن تي ترجيح ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، ڪڏهن وطن ڇڏي، مهاڪويءَ ٽيگور جي ديس بنگال جي وستي وستي ڀٽڪيس. پر جتان بہ موٽيس آهو ئي ڪافر جو ڪافر ئي آيس! نہ ڪليسا مون کي مسيحي بڻايو، نہ مُلو مون کي "مُسلو" (مسلمان) بنائي سگهيو! نہ ٻانيڻ مون کي جٽيو پاراٽي سگهيو، ۽ نہ وري ڪو خود ثنا منهنجي سر کي جهڪائي، پنهنجي معتقديت جو سڳو منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌي سگهيو—

---

* عمرڪوٽ جيل (پبلشر)

مان ٻر ۾ ٽوڙي ڪُر ۾، ريگ ۾ ٽوڙي ٻحر ۾؛ هجر ۾ ٽوڙي قيد ۾، وصل ۾ ٽوڙي فصل ۾ محبت جو مينار ٺهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. محبت سان، عالمي انسانيت ڏي منهنجو شعور وڌندو رهيو ۽ پنهنجي تصور، پنهنجي خيال واري محبت ڀري دنيا آباد ڪرڻ لاءِ، مان پنهنجي دنيا ويران ڪري ڇڏي هتي پهتو آهيان ـ!

جنهن دنيا ۾ ڪو انسان ڪنهن انسان جي خون جو، خون جي ڪمائي کسڻ جو، پياسو نه هجي، ڪوبه ٻين جي ڪمائيءَ ۽ محنت تي نه پلجي، ڪوبه هيڻن جون عزتون، بيواهن جون عصمتون نه خريد ڪري سگهي. مان اهڙي دنيا جو تمنائي آهيان ـــــ

منهنجي آخري تمنا اهائي ٿيندي، ته جيئو پلي، پر جيئڻ به ڏيو.

تنهنجو:

ـــــ قيدي.

# V

6-11-1958

پيارا دوست علي

ڪيئن ٿو ڀانئين ـــ؟.... منهنجي خيال ۾ ته پنهنجن ماڻهن کي حقيقتاً، مُلن، مولوين ۽ پيرن ڏي گهڻو ڇيهو رسايو آهي. اُنهن همراهن دين ۾ تحريف ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ قرآن کي به ڇڏي، آهي حديثن پٺيان ڪاهي پيا. سوچڻ جي ڳالهه اِها آهي ته جتي رڳو ڪلمي پڙهڻ سان وضو ڪرڻ ۽ "آمين" چوڻ سان بهشت (حورن سميت) ملي ويندو هجي، جتي پنهنجي زال سان "جماع" ڪرڻ بعد غسل ڪرڻ وقت جيڪي پاڻيءَ جا ڇنڊا ڪرن (مُلن چواڻيءَ ته: آهي آملهه موتين مثل آهن) بهشت ۾ انهن (موتين مثل) ڇنڊن سان محل جڙي پوندا هجن! اُتي گهوڙن جي پُٺن تي سياري جي پاري وارين راتين گذارڻ، راهه ـ خدا ۾ جهاد ڪندي سر ڪٽائڻ زرهن جا بار کڻڻ ۽ دشمن سان مردانه وار مقابلي ڪرڻ وارن جي دين کي ڪير لِفٽ ڏيندو ـ؟ اُن جي پيٽ ۾ مسجدن ۾ ويهي "الله ڪا نام جپنا ـ پرايا مال اپنا" جي رٽ ڪهڙو بيوقوف ڇڏيندو ـ؟ مطلب ته مذهب کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪڻ جي سڄي جوابداري خانقاهن جي عمامن، ڇغن پائڻ وارن ۽ "العلماءُ و الرشته الانبياءُ" سڏائڻ وارن تي آهي، جن هڪ آسان ۽ سادي سودي دين کي؛ حديثن جي اَڻ بار هيٺان لڪائي ڇڏيو آهي.

مڙهائڻ، پيرن جي ميلن جي زيارت ڪرڻ ۽ قبرن جي ڪلر يا مٽيءَ کي بدن تي لڳائڻ يا کائڻ سان دنيا ۽ آخرت، ٻئي - ٺهيئي نهي سگهن ٿا، ته هرويرو ڇو مُلن جي وَر چڙهجي؟ ۽ اٽي ورهين جا ورهيه وضوءَ ۽ غسل سکڻ، زال سان همبستر ٿيڻ ۽ الائي ڇا ڇا ڪرڻ جا طريقا سکجن. ۽ ظلم وري اهو، ته هڪ مُلون، ٻئي مُلي کي ۽ هڪ فرقو، ٻئي فرقي کي ڪافر سمجهي ۽ چوي -! اهڙن جنجهٽن ۾ خر ڇو پئجي؟ تنهنڪري عام ماڻهن اهو سولو ۽ آسان طريقو اختيار ڪيو. پيرن جون خانقاهون وسڻ لڳيون ۽ آهستي آهستي مُلن جون دستارون انهن جي پيٽ ۾ ڪي قدر گهٽ ڏسجڻ لڳيون.

پير ۽ خليفا، انساني نفسيات جا وڏا ڄاڻو هئا. هنن جڏهن ڏٺو، ته ماڻهن کي ڪپي آرام، سٺو کاڌ و ۽ بي عياشي - سو انهن اهي سهوليتون به ڪٺي پيدا ڪيون. پيرن وٽ مريدن کان گهڻيون مريدياڻيون اينديون هيون - سو، اهي مريدياڻيون ئي جنت جي حورن جو ڪم سرانجام ڏيڻ لڳيون - هتي نقد سودو، ۽ هتي آڌار وارو شرشتو - هاڻي سوچيو، ته ڪير ايڏي تڪليف سهي بي فائدو مُلن ڏانهن وڃي. تنهنڪري ڪيترن، ڏرت فائدي واري طريقي کي ترجيح ڏني -!

رات جا ساڍا ٻارهن ٿيا آهن - هاڻي اڄوڪي ملاقات ختم ڪريون ٿا.

تنهنجو:

— قيدي.

## ٨

7-11-58

پيارا علي

انساني تاريخ بہ عجيب آهي. ڊارون (Darwin) جي نظرئي مطابق ثابت ٿيو آهي، تہ "انسان" لکين سالن جي ارتقا (Evolution) بعد باندر مان ڊويلپ ٿي موجوده صورت ورتي آهي. هزارين سال هو برفاني طوفانن، جهنگلي جانورن، زلزلن ۽ ٻين قدرتي آفتن جو مقابلو ڪندو رهيو. پٿر جي اوزارن، مختلف ادني ۽ اعليٰ ايجادن وسيلي ۽ مقابلي جي طاقت ۽ سگهہ ۽ ذهني صلاحيتن سان، لکين سالن بعد، ڪروڙين انساني جانين جي ضايع ٿيڻ بعد شهري پٽي ۾ آيو. اُن جو ثبوت آهي مختلف ترقي يافتہ تهذيبون آهن، جيڪي هن وقت تائين هٿ اچي سگهيون آهن.

انسان ۾ تجسس (uspense)، کوجنا جي سگهہ ۽ ڳولها ڦولا جو جذبو ٿي آهي، جو کيس قدرت جي هر راز کي ظاهر ڪرڻ جي قوت ملي ويئي آهي. اڄ هيءَ انسان هوا، پاڻيءَ ٻاهر، سمنڊ ۽ روشنيءَ وغيره سڀني تي قبضو ڪري پنهنجو وجود، پنهنجي عظمت ۽ اهميت مڃرائي چڪو آهي. هن پنهنجي عظمت جا قدم چنڊ ۽ مريخ تي بہ گهمايا آهن. ۽ يقينن هڪ نہ هڪ ڏينهن چنڊ تہ ڇا، پر سموري ڪائنات تي فتح

حاصل ڪندو. ان بعد مذهبي طلسم ٽٽي پورا پورا ٿي ويندا. هنن مُلن کي عبادتون ڇڏي، اڳتي وڌندڙ انهن انقلابي انسانن سان ساٿ ڏيڻو پوندو، جن لاءِ جنن ڀوتن، ديون مُلن، پيرن پنڊتن، مذهبي ٺيڪيدارن ۽ سندن ڪرشمن ۽ ڪرامتن کان ڊڄڻ هڪ گندي گار هوندي. اهو انسان هنن جي بهشت جي لالچ ۾ دوزخ جي دڙڪي کان نه ڊڄندو.

دنيا جي انقلابين جون سوين، جادوءَ جي انهن قلعن کي لوڏي رهيون آهن. هڪ نه هڪ ڏينهن اهي واريءَ جا مينار، اهي ڪلر لڳل ڪوٽ هوا ٿي ويندا.

ڪيستائين سچ کي ترڙيءَ هيٺان لڪايو ويندو.؟ ڪيستائين هيءَ خون جا واپاري ڀڳڙن مٺ تي ايشيا جو تيل خريد ڪري، سون جي اگهه تي وڪڻي نيويارڪ، لنڊن ۽ واشنگٽن جي گهٽين کي سينگاري، پنهنجيون راتيون رنگين ڪندا رهندا؟ ۽ سندن ڏيهي ايجنٽ، پنهنجن آقائن جي حمد و ثنا ڪندا رهندا؟ چيانگ ڪائي شيڪ، فارموسا جي هڪ پيٽ تي قبضو ڪري، آمريڪا جي سامراجي ۽ بيٺڪي سهڪارسان، ڪيستائين چين جي عوامي حڪومت جي "اقوام - متحده" ۾ مخالفت ڪندو رهندو؟ ۽ آمريڪا ۽ ان جا ساٿاري، ڪيستائين سٺ ڪروڙ عوام جي عوامي رعيتي راڄ کي ڇڏي، ڪيس ئي چين جو عيوضي تسليم ڪندا رهندا.؟ ڪيسائين هتان جا وياج خور، اسمگلر، ڌاڙيا، سرمائيدار ۽ جاگيردار هتان جي سادي سودي عوام کي پنهنجي

خوني چنبن ۾ نچوڙيندا ۽ نپوڙيندا رهندا-؟ ڪيستائين مودودي سندن زميندارين ۽ جاگيرن کي شريعت جي لحاظ کان جائز قرار ڏيندو رهندو؟

آهو ڏينهن پري ناهي پيارا- جڏهن ڪروڙين عوام ۽ بکــ جا ستايل غريب پورهيت آئيندا، ۽ سامراجين، موذين ۽ ڏاڪارين کي پڇاڙي ڪيندا- عوام جي مشعل بردار قافلي کي ڪا رڪاوٽ روڪي نہ سگهندي. انسانن جو سندو، آئلي پوندو- هنن جا چوڪيدار، هنن جا سپاهي، هنن جا محافظ هنن کان ڦري ويندا. هنن جا محافظ هنن جي حفاظت ڪرڻ بجاءِ هنن کي ئي گوليون هڻندا- هنن جا سپاهي، کين ئي ٻڌي هٿڪڙيون هڻي عوامي عدالتن ۾ آڻيندا.

ڪاريءَ رات کان پوءِ صبح ٿيندو- ۽ ضرور ٿيندو.

صرف تنهنجو :

— قيدي.

٩

8-11-58

پيارا!

ڪالهه دنيا جي پهرئين پورهيت انقلاب جو ڏينهن هو. انهيءَ ڏينهن تي سوويت يونين ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ مزدورن ۽ پورهيتن انقلاب آڻي زار جي آپيشاهيءَ جو تختو اونڌو ڪيو هو. انهيءَ ئي انقلاب جي تقليد ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سرمائيداري جي خاتمي لاءِ جاکوڙ ٿي رهي آهي. چين جي ست ڪروڙ عوام به انقلاب آندو. انهيءَ انقلاب جو ڏينهن به دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شاندار نموني سان ملهايو ويو ٿو.

سرمائيدارن لاءِ اها ڳالهه ڪا گهٽ تڪليف ده ناهي، ته اڄ سوويت يونين ۾ ڪو به پينو ناهي، ڪو به جاهل ناهي. بيمارن لاءِ صحت جو انتظام آهي. هر سال هزارين ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀرپور حصو وٺن ٿا. ويتر هنن جي مصنوعي سيارن ته وڏيڪ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اهو سڀ اشتراڪي سرشتي جي ڪري ۽ انفرادي نفعي کي ڇڏي اجتماعي ۽ قومي نفعي ڏانهن وک وڌائڻ جي ڪري ممڪن ٿيو آهي.

اسان وٽ جيري لاءِ ڀڪريءَ کي ڪٺو ٿو وڃي. اهي سموريون خاميون سرمائيداري ۽ جاگيرداري سرشتي

(Feudalism) جني ڪڳـن مدان جنم ورتو ٿيون ۽ اڻ سرشتي لاءِ اشتراڪيت موت جو پيغام آهي. اڇُو آهي اِنقلاب،

اِنقلاب:

جيڪو دنيا جي سڀني قومن/
طبقن جي تقدير آهي.

— قيدي.

١٠

12-11-1958

جاني

اج جمعي جو ڏينهن آهي. چوڻ وارا آن کي ڀلارو ڏينهن ڪري ليکين ٿا. پر تاريخ شاهد آهي ته گهڻين مصيبتن جو نزول به انهيءَ ئي ڏينهن تي ٿيو آهي. ڪربلا جو واقعو، ڪوئيٽا جو زلزلو ۽ ٻيا به سوين اهڙا واقعا انهيءَ ”ڀلاري“ ڏينهن تي ٿيا.

اج ڏير سان ڪوليائون. قيدين جو ٽوٽل ٿيو، ته هڪ وڌي پيو —! ٽوٽل جو وڌڻ به مصيبت ۽ گهٽجڻ ته مها مصيبت —!

تنهنجي ياد ستائي ٿي، ته ٽوڙانهن لکيل خط پڙهندو آهيان — ۽ وري وري پڙهندو آهيان. اهڙيءَ طرح زندگيءَ جا ڏينهن پيا ڪٽايون.

فقط تنهنجو

— قيدي.

# ١١

**11-11-1985**

سانگهڙ

ڪلهه، اسان کي سنڌ ڊٽينشن آرڊر وارو ڪيس ختم ڪري آزاد ڪيو ويو. پهريائين جيلر آيو، ۽ اسان کي نوان آرڊرس ڏيکاريائين، جن ۾ اسان جي گرفتاريءَ جا سبب لکيل هئا. انهيءَ ضروري ڪارروائيءَ بعد اسان کي جيل جي گيٽ تي وٺي ويا ۽ باقاعدي، جيئن آزاد ڪيو ويو ٿو، تيئن گيٽ پاس ناهي جيل مان آزاد ڪيو ويو.

ٻاهر حيدر * ۽ هڪ ٻه ٻيا دوست آيل هئا، جن سان ملياسين. آزاد هوا ۾ ساهه ئي مس کنياسين ته اوچتو پوليس اسان کي گهيرو ڪري ويئي ۽ جيڪي مون سان گڏ ”آزاد“ ٿيا هئا، اسان سڀ ٻيهر قيد ڪيا وياسين. ائين پئي لڳو، چڙ کنهن پکيءَ کي پڃري مان ڪڍي، آزاد فضا ۾ ساهه کڻائي، ٿورو گهمائي ڦرائي، وري پڃري ۾ وڌو وڃي.

مطلب ته سنڌ ڊٽينشن آرڊر جون هٿڪڙيون لاهي، سنڌ اسٽيٽ پرزنرس ايڪٽ جون هٿڪڙيون لڳايون ويون آهن. يعني ڪو خاص فرق ناهي. تنهن هوندي به هي منهنجي گرفتاريءَ جو ستون چڪر آهي، جيڪو ڪالهه ١٢ وڳي کان شروع ٿيو آهي.

---

* سنڌ ۾ سوٽ غلام حيدر.

جيل وارن جي ڪتاب ۾ اسان ٿي مهينا اڳ گرفتار ٿيل نہ، بلڪ ڪالهوڪا گرفتار ٿيل آهيون.

بس پيارا — واڳ ڌڻين جي وس ۾ آهي. اسين محڪوم آهيون هو حاڪم آهن. اسين قيدي آهيون، هو قيد ۾ وجهڻ وارا آهن.

هيءَ ملڪ ”بي آئين“ مشهور آهي. هتي هي ٽيون ڀيرو دستور مرتب ڪيو ويو آهي. ڪروڙين رپيا خرچ ڪري ان تي عمل درآمد ڪرايو ويو، ۽ آخرڪار انهيءَ کي حضرت غلام محمد اچي ختم ڪيو، ۽ انهيءَ جي حشر کان ہہ سڀ واقف آهن. انهيءَ بعد نئين دستور ساز اسيمبلي ٺاهي ويئي. انهي اسيمبليءَ چوڌري محمد عليءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ آئين پاس ڪيو — ۽ ائين هي ملڪ بي آئينن منجهان نڪري ڀيهر آئين جي زير-سايہ آيو. حضرت مرزا صاحب ”اسلامي – جمهوريہ پاڪستان“ جو ”آئيني“ صدر ٿيو! (هن ملڪ ۾ صدر ٿيندا آهن چونڊجي نہ ايندا آهن.) ۽ انهيءَ صاحب ڏي اُن آئين کي منظور ڪري، اُن تي صحيحون ڪيون. ان بعد ستين آڪٽوبر تي هن کي الائي ڪهڙي هوا دماغ ۾ ويئي، سو انهيءَ ڏي آئين، (جيڪو سندس منظور ڪيل هو، ۽ جنهن جي زور تي هو صدر بڻيو ويٺو هو) کي ختم ڪري، سڀ اسيمبليون ٽوڙي، پنهنجي آپيشاهيءَ جي پراڻي خواهش کي پورو ڪيائين، ۽ ريڊئي تي روزر وز دڙڪا ڏيڻ شروع ڪيائين تہ:

"ملڪ جي غدارن کي موقعو آهي، ته هو ملڪ
ڇڏي هليا وڃن —"

۽ مرزا صاحب پنهنجي نوازشن جي بارش شروع ڪري ڏني. جي-ايم-سيد ۽ پاشانيءَ کي "غدار" ۽ "ملڪ دشمن" ٺهرائي جيل جي تنگ و تاريڪ ڪولين ۾ بند ڪيو ويو. اهي صاحب اڃا تائين جيل ۾ آهن — ۽ ملڪ ڇڏي ڪون ويا، پر ويهن ڏينهن جي ٿوري ئي عرصي ۾، بين کي غدار چوڻ وارو، بين کي ملڪ مان ڪيڍڻ وارو، پاڻ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. مرزا جي حشر مان پيا جاءِنشين به سبق پرائيندا.

چگو — يارو ياري.

فقط تنهنجو:

— قيدي.

## ١٢

13-11-1958

پيارا سائين!

اج جي ملاقات ۾ جيل جي ڪن خاص اصطلاحن بابت ڪجهہ لکان ٿو. جيئن ٻاهر وارن کي بہ قيدين جي اصطلاحن جي ڪجهہ ڄاڻ حاصل ٿئي.

قيدي جڏهن ڪجهہ سزا ڪاٽي وٺندو آهي، تہ ڪيس ”واچ مين“ ڪري رکندا آهن. ۽ هو ٻين قيدين کان ڪم وٺندو آهي. انهيءَ کان پوءِ اڳتي هلي هُو ”مقدم“ يا ”جوابدار“ ٿيندو آهي. ڪيس هڪ ڳاڙهي ٽوپي ڏني ويندي آهي، ۽ هڪ ڏنڊي بہ. ڄڻ تہ هو بہ جيل جو هڪ سپاهي آهي. ڪائنس رات ٽوٽي ڏينهن چوڪيداريءَ جو ڪم ورتو ويندو آهي. ٻهرين ڪيس چار آنا، ۽ پوءِ اٺ آنا ماهوار پگهار ڏنو ويندو آهي. انهن پيسن مان هڪ رپئي جا اٺ ڏينهن سزا ڪاٽي معاف ڪئي ويندي آهي. *

* عمر قيد يا وڏي قيد وارن قيدين کي مقدم يا واچ مين ڪري اٺ آنا ماهوار جي حساب سان سندس پگهار، رجسٽر ۾ چاڙهيو ويندو آهي. ان حساب سان سال ۾ سندن ڇهہ روپيا ٿين ٿا. هڪ رپئي تي اٺ ڏينهن سزا گهٽائي ويندي آهي. سال ۾ ڇهہ رپيا ٿيا تہ ان حساب سان ٤٨ ڏينهن ان قيديءَ جي سزا معاف ڪئي ويندي آهي.

قيدي انهيءَ کي به غنيمت سمجهندا آهن- ۽ آزاد ٿيڻ لاءِ سمورا جتن ڪندا آهن.

ڪاڏي ۾ ”ڪانجهي“ هڪ پنڙي رب آهي- ڪنهن زماني ۾ فسادي قيدين کي ”ڪانجهي“ ۾ گهٽو لوڻ وجهي، اها ڪارائي ويندي هئي ۽ پوري جا ذهيل ڪپڙا پارايا ويندا هئا-!

”ڪولي بند“ ڪرڻ به هڪ سزا آهي ”ڪولي بند“ هڪ ننڍي ڪوٺيءَ کي چون، جنهن ۾ قيدين کي سزا طور اڪيلائيءَ ۾ بند ڪيو ويندو آهي- ڊبل قسم جون ڪوليون به ٿين- يعني به ماڙ تي قيدين کي اڪيلو بند ڪيو ويندو آهي.

”پيشي“ به قيدين وٽ هڪ سخت لفظ آهي- جا گهٽو ڪري جيل جي ڪنهن آفيسر وٽ ڪرائي ويندي آهي. انهيءَ پيشيءَ ۾ هُن لاءِ سزا تجويز ڪئي ويندي آهي.

”ريوٽ“ هڪ هٿڪڙيءَ جو قسم آهي- جا ٻنهي هٿن ۾ هٽي چڙهندا آهن. هٿڪڙيءَ جي وچان، ڦرنڊڙ زنجير آهي- اُن کي وچان لوهه جي ڏنڊي به هوندي آهي.

”ڏنڊا بيڙي“ هي پيرن ۾ لڳائي ويندي آهي- ڪي ڏنڊا بيڙيون زنجيرن سان به هونديون آهن.

”ڪيس ٻڌڻ“ به هڪ اصطلاح آهي- جنهنجو مطلب آهي، ڪنهن تي ڪوڙو ڪيس ڏاهڻ- ”ڊوش“ به هڪ سزا آهي- جنهنکي ”انيما“ چيو ويندو آهي- قيدي ان

کي تمام بري سزا ڪري ليکيندا آهن.

ڪپڙن جي وڳي کي ”فيل“ چون ۽ ٻئي پيري سزا ڪاٽل کي ”ڪاري ٽوپي“ چون ڪي قيدي ٻي سزا ڪاٽڻ تي شرمندا ٿيندا آهن- ۽ ڪي ته ”ڪاري ٽوپي“ جوائڻ تي خوش ٿيندا آهن.

”ليپو“ ڪاٺيءَ ۾ ڪمبل جو ٽڪرو ٻڌي، انهيءَ کي ڦيريندا وتن- ان کي ”ليپو“ چون- ٻهاريءَ کي وري ”جهاڙو“ چون.

”پتو“ ڪاٽو جيڪو ملي، ان کي ”پتو“ سڏين. ”پتي“ وٺڻ وقت ۽ کٽپ وقت قيدين کي جوڙي جوڙيءَ جو حڪم ٿئي، ۽ هو هڪ دم ٻه ٻه ٿي ويهن.

ڪنهن زماني ۾ ڦٽڪن جي سزا جيل ۾ گهڻو عام هئي- پر هاڻي گهٽ آهي- هتي، ٻه يا ان کان وڌيڪ سزائون ڪاٽل قيدي جتي رهن، ان کي ”ڪارو چڪر“ چوندا آهن- ۽ هڪ سزا ڪاٽل جتي بند ٿين، ان کي ”اڇو چڪر“ چون.

اهي هيون جيل جون ڪجهه خاص اصطلاحون-

جيل ۾ رهندي، هڪ ٻي ڳالهه به نوٽ ڪئي اٿم- آها اها ته جيل ۾ قيدي هڪ ٻئي جون مهمانيون به ڪندا آهن. هڪ ٻئي کي شيون به ڏيندا آهن- ۽ ان کي ”پائيبندي“ چون- ”جيل ۾ پائيبندي“ هڪ وڏو ڏوهه آهي- پر ڪير ٿو قانون تي هلي-؟!

صرف تنهنجو:

— قيدي.

# ١٣

14-11-1958

پيارا!

سوچيان ٿو، انگريزن جي دؤر ۾ اسان پنج پنج ڪلاڪ انگريزن جا وڪا پڌرا ڪندا هئاسين- پر انهن ڪڏهن به اسانکي گرفتار نه ڪيو. پر نام نهاد "آزادي" کان پوءِ اُن جي ابتڙ ٿيو آهي- جڏهن به ڪنهن آمر کي پيٽ ۾ سور ٿو پوي، اسانجي سڄي سنگت.... اندر-!

جيل جا ڏينهن ۽ راتيون آهن، جيڪي پيا گذرن. مون کي ڪڏهن ملتان، سکر، مَڇ، ڪراچي، خيرپور، عمر ڪوٽ، ميرپورخاص ۽ حيدرآباد جي هن جيل ۾ نه ڪيترائي ڀيرا بند ڪيو ويو آهي- پر اڃا تائين "ذوق- جرم" نه گهٽيو آهي.

کهڙو پاور ۾ اچي، ته به اسين اندر-! قاضي ڪاوڙجي، ته به اسين جيل ۾! غلام محمد، خواجي نظام الدين کي لاهي ته به اسين اندر! لياقت علي، نهروءَ کي مڪو ڏيکاري، ته به اسين اندر! اسڪندر جي سڪندري کي خطرو ٿيو، ته به اسين اندر! ۽ هاڻي جڏهن اسڪندر ويو آهي، ته به اسين اندر آهيون-!

فارسيءَ جي هن شعر سان خط جي پڄاڻي ٿو ڪريان.

شبپر و زاغ و زغن، در بند قيد و صيد نيست،
ايـن سعادت قسمت - شهباز شاهين كـردند!
[ترجمو: چمڙي يا ڪانءُ کي ڪڏهن به
شڪار ڪري قيد نہ ڪيو ويندو آهـي - اها
سعادت رڳو شاهين ۽ شهباز جـي قسمت ۾
لکيل هوندي آهي -]

- قيدي.

# ١۴

15-11-58

دوست !

ننڍي هوندي، جڏهن اَمڙ جي جهوليءَ ۾ هوندا هئاسون، ته امڙ لوليءَ ۾ هڪ طوطي جو قصو ٻڌائيندي هئي ته: ”هڪ شهزادي، هڪ طوطو پاليو هو. شهزادي جو طوطي سان ڏاڍو چاهه هوندو هو. سو هڪ سونو پڃرو ٺهرائي طوطي کي ڪٺي اُن ۾ بند ڪيائين، ۽ اُن کي خوش رکڻ ڪاڻ ميوو، ۽ ڪوڙ قسمن جا گل اُن پڃري ۾ ٿي رکيائين-

پر طوطو آتي ذرو به خوش نه رهندو هو. سدائين اداس ۽ ويڳاڻو ويٺو هوندو هو. اکين مان آب هاري چوندو هو:

’هاءِ وطن! هاءِ وطن!‘

طوطي جي وطن لاءِ ايڏي اُڪير ڏسي شهزادو چوندو هو ته: ’توکي هر شيءِ ميسر آهي، مگر تنهن هوندي به توکي رات ڏينهن پنهنجو وطن ياد آهي‘. هڪ ڏينهن شهزادي چيس ته: ’توکي اڄ تنهنجي وطن وٺي هلبو. مان به ڏسان، تنهنجو اُهو ڪهڙو وطن آهي، جنهن کي تون ايڏو ياد ٿو ڪرين—‘

شهزادو سنيري تيار ٿيو- طوطي کي به پڃري مان ڪوليو ويو- شهزادو پيلي گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ طوطو اڏامندو پٺي هليو. سڄا سارا ٻه ٽي ڏينهن سفر ڪان پوءِ

نديءَ ڪناري هڪ ٻراڙو وڏي ڪنهن وڻ جو ٽڙ هو. طوطو هڪدم وڃي انهيءَ وڻ تي ويٺو. طوطي جو انهيءَ وڻ جي ٻوڙَ ۾ هڪ ڏار اندر آستانو هو. طوطو انهيءَ ۾ گهڙي ويو ۽ ڪجهه وقت اندر ويٺو رهيو. جڏهن ٻاهر آيو تہ شهزادي ڪاوڙ مان چِتر ڪندي چيس: 'واهہ ڙي! تنهنجو وطن!'

شهزادي کي طوطي سان نفرت ٿي چڪي هئي. طوطي بہ کيس چيو تہ: 'شهزادا! تنهنجي سونن پڃرن ۽ سوين ميون کان مون کي هيءَ ڪاٺ جو ٻوڙ پيارو آهي. پڃرو سون جو هجي يا لوهہ جو، پر آهي تہ قيد ئي نہ—!'

جيها جي تيها، مون مارو مڃيا!

اڄ پنجٽيهن سالن بعد هتي زندان ۾ مون کي جڏهن جيجيءَ جي ٻڌايل اها آکاڻي ياد ٿي اچي، تہ اداس ٿي ويندو آهيان.

هاءِ ستم!!! اڄ منهنجي ديس واسين کي ڇا ٿي ويو آهيءَ کين سهڻي شاهہ جا شعر بہ نٿا گرمائين! سندس وايون هنن جي جيءَ کي نٿيون جنجهوڙين، سندن مَنَ ۾، ڇو نٿا آزاديءَ جا ادما جاڳن؟ مارئيءَ جي مارن سان محبت سَندن خون کي ڇو نٿي گرمائي—؟ آهي عمر جي سَت رڃين ۽ پٽ پٿيهرن کي لاک رتل لوئيءَ تي ترجيح ڏيئي 'للَر ۽ مريڙي، ٻسين ۽ ٻَڪن کي وساري ويهي رهيا آهن—!

اڄ بہ مارئيءَ جون سرتيون رَت روئن ٿيون، سندن ورَ

سنڌن پيءُ ۽ ڀاءُ جيلن ۾ بند آهن. عمر ۽ سنڌس ساٿارين جو زور ۽ ظلم چالو آهي. مارئيءَ جي جهڙين ۽ سرتين کي سنڌن اباڻن ڀٽن ۽ ڀڊن مان ڪڍي، اتان ليڪو ڪڍيو ويو آهي. اڄ به اُتان ماروئڙن پنهنجي ديش لاءِ واجهائي رهيون آهن.

ديس واسين کي پنهنجن ڀڊن ۽ ڳوٺن مان ڪڍيو پيو وڃي. اڄ جي عمر جي ڏاڍ کان ته سنڌ جو ڪو به ماڻهو بچيل ناهي. ماروئڙا جن ڀڪن ۾ رهندا هئا، جن ڪهڙن، چارين، ڀٽن، ڀٽن ۽ ترائين ۾ پنهنجن ولرن کي واريندا هئا؛ جن ڀڪن ۾ سنڌن ستَ ستَ پيڙهيون مري کپي ويون، آهي ٿي ڀڊ، آهي ٿي ترايون ۽ زمينون ڪاڻن ڪسي ڌارين کي، ۽ سنڌن دلال بيغيرت ۽ بدمعاش وڏيرن کي ڏنيون ويون آهن.

ڀيو ته ٺهيو؛ پر جنهن زمين ۾ سنڌ جي شهنهن مارئي جو مقبرو آهي، اهو به ڌارين کي الاٽ ڪئي ويئي آهي!

۽ اسان جو عوام خاموش آهي — چپ چاپ، چڙ تماشو ويٺو ڏسي. پر انهيءَ خاموشيءَ ۾ آئون وڏا طوفان پيو ڏسان، وسائل رڳ ۾ آئون آهي چڻگون پيو ڏسان، جي هڪ ڏينهن مچي مچ ٿينديون —

— قيدي.

## ١٥

16-11-58

ساٿي !

اڄ آچر جـو ڏينهن آهي، ٿورو ڇهڙ به آهي ۽ سياري به پَرَ پکيڙڻ شروع ڪيا آهن. سردي ڪجهه وڌي ته آهي، پر اڃا آهي معمولي.

قيدين جي وَستي آباد آهـي. (اها ويران ٿيڻي ڪانه هئي.) جيل ۾ قيديءَ جي سڀ ڪان وڌيڪ خوشي آزاديءَ ۾ هوندي آهي. ۽ قيدي انهيءَ خبر جو ڳهڻي ڪان ڳهٽو اوسيئڙو ڪندو آهي. اهو ته آهي قيدي ماڻهن جي زندگيءَ جو حال. پر ”قيدي قومن“ جو به اهوئي حال آهي. غلام قومون به آزاديءَ لاءِ ائين ئي تڙپنديون آهن. ڪي قومون ننڍي پيماني تي ڪي وڏي پيماني تي، جدوجهد جاري رکنديون آهن. ڪيترن سالن کان اسان الجزائري ڪامريڊن جي آزاديءَ جي جدوجهد بابت پڙهندا ۽ ٻڌندا پيا اچون ـــ ڪو ڏينهن اهڙو ناهي جڏهن گوريلن جي شهيد ٿيڻ جا واقعا شايع نه ٿيا هجن.

افسوس، جو اسان ماڻهن مان ڪن انفرادي طرح ڪٿي آزاديءَ لاءِ قربانيون ڏنيون هونديون، پر اجتماعي طرح اسان هيل تائين قرباني نه ڏني آهي. اهوئي سبب آهي جو ايري غيري کي اسان جي مقدس آزاديءَ تي حملي ڪرڻ جي همت ٿئي ٿي.

پر اسان اُميد نہ لاٿي آهي. صبح ضرور ٿيندو، ڏکاريا ڏيهہ مان، موذي سڀ مرندا، سڦائو واهُ وطن ڏي ورندو. سانگي سکيا ٿيندا، سائيهہ ۾ سکار ٿيندو.

تنهنجو

— قيدي

١٦

18-11-58

پيارا ___!

سياري ۾ ڏينهن ننديا ۽ راتيون وڏيون آهن. هڪ ته رات ڊگهي، ٻيو وري چوڪيدار ڪلاڪ ڪلاڪ تي ٿا اسان کي ڳڻين. اصل، ننڊون حرام ٿي ويون آهن. انهين ٿو لڳي ڄڻ هنن جي زندگيءَ جو مقصد ئي ٿو ٿئي پورو ڪري رپورٽ ڏيڻ آهي.

مون کي اڄ ڊاڪٽر خان صاحب سان گهاريل گهڙيون ياد ٿيون اچن، ۽ وَر وَر ڏيئي ياد ٿيون اچن. ياد اٿئي، جڏهن ڊاڪٽر صاحب ڊگهڙيءَ ۾ صبح جو سوير آئي آيو هو ۽ ڀاڻ سيپٽي اڄا سمهيا پيا هئاسين.

ڊاڪٽر خان صاحب جي تجربي ئي ڪيس اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي هئي، ته مسلم ليگ کي وري پاوَر ۾ نه اچڻ ڏنو وڃي. هن اتان وڃڻ شرط چندريگر منسٽريءَ جا ٽپڙ ٽيشن ڪيا هئا ___

جيل ۾ سٺي نموني وقت پاس ڪرڻ لاءِ ڪيئين طريقا اختيار ڪرڻا ٿا پون. هتي هڪ ننڍڙو ٻنيءَ جو ٽڪر آهي. انهيءَ ۾ ڪمند پوکيل آهي. جيل جون گهڙيون گهارڻ لاءِ مون آتي هڪ ٽڪر ۾ مرچون ۽ ٿوم پوکي آهي ڪجهه ڏاڻا به پوکيا اٿم. ڏاڻا دير سان ڄمندا آهن. سو اڄا تائين ڪجهه ڄاوا آهن. سامهون به ٽي گلن جون ٻاريون آهن، جن ۾ ڪي گل

۾ پوکيا اٿم. پيو مشغول آهي چاڪ ٺاهڻ. چاڪ سان ڏاڍو چاهه ٿي ويو آهي. ياد ستائي ٿي تنهنجي، ۽ ڪن پيارن جي!

خاڪساريءَ جي چڪر ۾ جڏهن آءٌ مست هوندو هئس. شايد ١٩٤٣ع ۾، آئون جيئن ئي ملتان جيل مان آزاد ٿيس، ان وقت ئي ٻوڏ جي ستايلن* کي سنڀارڻ لاءِ بجاءِ پنهنجي گهر وڃڻ جي، سڌو اوڏانهن ويس. اهو وسري ويم ته جيل مان آزاد ٿيو آهيان ۽ ڀريائين، مون کي گهر وڃڻ کپي. هاڻي ٿو سوچيان ته مون کي گهر وڃڻ کپندو هو، يا سنڌوءَ جي ستايل سانگين ڏي؟ اڄ تائين اهو فيصلو ڪري نه سگهيو آهيان. بهرحال وري پنهنجي جيجل ماءُ جو چهرو ڏسڻ نصيب نه ٿيو، ڇو جو، جن ڏينهن آئون ٻوڏ جي ستايلن ڏانهن ويل هئس، انهن ڏينهن امڙ کي نانگ ڪکي وڌو. ۽ هوءَ ست ڏينهن تائين آهون ۽ دانهون ڪندي، مون لاءِ روئندي روئندي، ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ ۾ هميشه لاءِ دفن ٿي ويئي.

قدرت مون سان عجيب مذاق ڪيو هو، مان پين جي خدمت ۾ رڌل هئس ۽ مون سان هيءَ هيڏو ظلم ٿيو هو، جو جنهن جيجل سان ملڻ لاءِ آئون جيل ۾ ڏينهن ڳڻيندو هئس، انهيءَ جو مون کي منهن ڏسڻ به نصيب نه ٿيو!

مون کي اڄ به امڙ جا سپاجها هٿ ياد ايندا آهن.

---

* ١٩٤٣ع ۾ تاريخ جي رڪارڊ ٻوڏ آئي هئي.

ٻس، ”آهه“ ٻري ويهندو آهيان. باقي هڪ ڳالهه جو افسوس اٿم ۽ هميشه رهندو، ته آئون پنهنجي ماءُ جي ڪا به خدمت نه ڪري سگهيس، ۽ هوءَ مون لاءِ آخري وقت به روئندي ۽ مون کي ساريندي، مون کان هميشه لاءِ وڇڙي ويئي.

ياد ٿو پويم، اسين غريب هاري هئاسين، ٻڪن جي زماني ۾، جڏهن کائڻ لاءِ ڪجهه نه هوندو هو: آمڙ ڪنڊيءَ جي وڻ جا ڪل ”سڱر“ وڍي، پيهي ان مان مون لاءِ ماني پچائي ايندي هئي. مون کي اٽي جي ڇاڻ جون مانيون به ياد آهن، پر جيڪو ميٺاج سڱرن جي مانين ۾ هو، اُن جي ڀيٽ آئون ڪنهن به طعام سان نٿو ڪري سگهان.

ڪيڏي نه عظيم ماءُ هئي ـ! اڄ به اهي گهڙيون مون کي يـاد آهن. مان ننڍي ڳوٺ ۾ چارُس ڦليس، سورن ۾ پـڙهيس. ڪيترائي ڀيرا جيل ڀـوڳيم. اڄ به جيل ۾ آهيان. خبر نـه اٿم مون مان اڃا ڇا ڪجهه ٿيڻو آهي.

وقت ته گذري ٿو وڃي، پر وقت جون يادون ذهن جي ٿر ۾ ٿوهر وانگر ڪتيون پيون هونديون آهن.

هنن اکڙين ڇا ڇا نه ڏٺو آهي ـ! اُن جي خبر ڪين ڏي آهي، اهي اکڙيون اڄ به آسمان ڏانهن نه، خلا ڏانهن نه، پـر پنهنجي ڌرتيءَ ۽ اُن جي ماڻهن کي تڪي رهيون آهن ـــ!

ـــ قيدي

# ١٧

21-11-1958

ساٿي !

انهيءَ کي چوندا آهن ”قيد - تنهائي“! خط ۽ ملاقات بنهي تي بندش. ٻيو ته ٺهيو جيل وارن سان ڪو رابطو ڪونهي. رڳو ”جنگ“ اخبار اچي ٿي، جنهن وسيلي ڪجهه نه ڪجهه دنيا سان تعلق يا رابطو ڳنڍيل آهي. ائين ٿو لڳي ڄڻ هن ديوار ۽ ٻاهرين وڏي ديوار جي وچ ۾ هڪ تمام وڏي کاهي آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد، جڏهن احمد نگر جي قلعي ۾ قيد هو، ته هن قلعي جي جيلر تي ”چيتا خان“ نالو رکيو هو. پوءِ اهو نالو تمام گهڻو مشهور ٿيو.

مزي جي ڳالهه اها، ته هتي اسان جي مٿان جيڪو ”چيتو خان“ مقرر ٿيل، سو آهي به منهنجو هم ذات، هم قوم ۽ هم وطن — پر قانون (!!!) جي پابندي، ۽ نوڪريءَ جي احساس ذميداريءَ، ڪيس اسان لاءِ انهيءَ چيتي خان کان به وڌيڪ سخت بڻائي ڇڏيو آهي. اسان سان ملڻ کان به عار اٿس. (يا ٿي ٿو.) ٻيو ته ٺهيو، پر واجبي سهوليتون به ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. ائين ڇو آهي —؟ سندس خيال آهي ته شايد اسان سدائين سندس قيدي ٿي رهنداسين.

منهنجو سوٽ، ڪامريڊ غلام حيدر به جڏهن هن جيل ۾ ساڳئي قانون هيٺ بند هو، ته انهيءَ ساڳئي

”چيتي خان“ مون کي ساڻس ملاقات ڪرڻ نه ڏني هئي. چي: ”ٻاهر ٿي هن سان ملي سگهي ٿو!“ ۽ مزو وري اهو، ته نه مون کي ٿي ڪو ٻاهر آهي، ۽ نه ٿي وري هن کي. هاڻي اسان سڀ ٻاهر آئيون ته آخر ڪٿان آئيون. سوچيان ٿو ته شايد هن ٻيري به ڪامريڊ غلام حيدر کي ملاقات ڪان جواب ڏنو هوندائين ـ!

ماضيءَ کي اڳيان رکي حال ۽ مستقبل جون راهون ڏيڻ لاءِ هتي ڪافي وقت مليو ٿو. هن ملڪ ۾ هاڻي جيسين وري ڪو انقلاب اچي، تيسين اسان پڪ ٿي پڪ اندر رهنداسين. پوءِ به هيءَ اونداهي رات ڪنهن پرڀات جو ڏس ڏئي ٿي. ها، ايترو ضرور آهي، ته ڪي صوبدار خان ضرور شهيد ٿيندا. پر ڪنهن فتح عليءَ کي ته فتح نصيب ٿيندي.

اسان وارو ”چيتو خان“ به نواب ولي محمد خان جي خاندان مان سڏائي ٿو. پر ان هوندي به سندس دل ۾ فتح علي جي ساٿين ۽ صوبدار خان جي سنگتين جي لاءِ ذري جيتري به عزت ناهي. ڏڳاڻي خان جتوئيءَ جو اولاد ته سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙ ٿو ڪري، پر نواب ولي محمد ۽ شير-سنڌ مير شير محمد جو اولاد غفلت جي ننڊ ۾ مدهوش آهي. عيش عشرت ۾ رڌل آهي. سنڌ کي وساري ويٺو آهي. ماڻڪاڻين کي دُٻي جي جنگ وسري ويئي آهي. شهدادڻي مياڻيءَ جي ميدان کي وساري ويٺا آهن ـ!

’حيف تنهن کي هوءِ، وطن جن وساريو!‘

علڻ خان ـ! انهيءَ ڪري سنڌ جي لاءِ جاکوڙ جون راهون تلاش ڪرڻ ۾ گهڻ تنهنجو ته اسان سان ساٿ هئڻ کپي. وڏيري جو پٽ ته آهين، پر اهي به منهنجا اکر ياد رکجانءِ، ته اهي اميري چند ڏينهن لاءِ اٿؤ. اهي رئيسپ اسان جي نيلام ٿيل ڌرتيءَ کان مٿي ڪانهي ـ!

صرف تنهنجو:

ـ قيدي.

# ١٨

23-11-1958

پيارا علي!

آرتوار جو ڏينهن آهي. ڪوليءَ ۾ بند آ ڀان، جيل ۾ اسان جون محفلون گرم ڪرڻ ۾ ڏيپلائيءَ جا چٽڪا ۽ بدر جون ظرافتون سر - فهرست هونديون آهن. جيل ۾ دنيا به فلم تي لڳي. دنيا جا سڀئي ماڻهو آن جا ايڪٽر ٿا محسوس ٿين. هرڪو پنهنجو پارٽ پيو ادا ڪري. ڪيترائي ايڪٽر پنهنجا پارٽ ادا ڪري ويا آهن. ڪن جا پارٽ هلڪا پيا ۽ ڪن جا اچا اڇا آهن.

ڪي اسلامي ايڪٽر آهن. ڪي ليگي ايڪٽر آهن، ڪي ڪميونسٽ ايڪٽر آهن! ڪي موسيقار آهن، ڪي هدايتڪار بنجي ٻين ايڪٽرن کي پتلي ڪيو پيا نچائين، ۽ پاڻ پردي جي پويان ويٺا آهن. ڪي نغمه نگار، ڪي گلوڪار، ۽ ڪي وري پلي بيڪ (Play Back) آهن.

هر انسان زندگيءَ جي انهيءَ فلم جو ايڪٽر آهي، ۽ آءٌ به آن جو هڪ ڪيريڪٽر ايڪٽر آهيان. پنهنجو پارٽ پيو ادا ڪريان. ڪڏهن ريل ۾ ته ڪڏهن جيل ۾.

ننڍپڻ کان ڏڪا کائڻ شروع ڪيم، پڙهيس ڪونه! چو ته نڏڪا چورا نيد ورا هئاسين. ايتري ڏرَ ڪونه هئي. ”نه مٺ - نه پٺ“ نه علم جو اڪابر تي سکيس، نه ادب ۾ ڪو نالو ڪڍيم.

پڙهيس ته ڪونه، البته ڪڙهيس تمام گهڻو.

رکندو ٿو وڃان ــ ۽ وڏيون رشوتون ڏين بعد ٿي اهي ڪنهن نموني ٻاهر ڪڍي سگهندس. جيئن اڳ ٻه هڪ دفعو ٻه ـ ٽي ڪاپيون جيل مان ڪڍرايون هئم.

اخلاقي قيدين کي ٻه، اسان جي ڀيٽ ۾ سڀئي رعايتون آهن. اسان جي مقابلي ۾ چورن خونين ۽ رهزن ڌاڙيلن تي ڀروسو ڪيو ٿو وڃي، ۽ اسان تي ٽي ٽي ڌاڙيل (جيڪي پاڻ ٻه قيدي آهن،) چوڪيدار ڪري ٻيهاريا وڃن ٿا، ته اهي همراهه ڪولين ۾ ڇا پيا ڪن.
"واهه ڙي .... دنيا!"

ڇگو ـ وڏيڪ ٻي ملاقات ۾.

ــ قيدي.

## 19

27.11.58

دوست علي!

اڄ جُهڙ ڦڙ آهي- سيارو رڙهندو اچي پنهنجي جوڀن کي پهتو آهي.

سنڌ جو هي پراڻو بنديخانو انگريزن ١٨٥٧ع ۾ قائم ڪيو هو. يعني انگريزن جي اقتدار کان چوڏهن سال پوءِ، سنڌ جي باندين لاءِ هيءُ بنديخانو ٺهرايو ويو هو. مزي جي ڳالهه اها آهي، ته اسان اڄ به، هن دؤر ۾ هن صديءَ ۾ به، ١٨٢٧ع جي "سنڌ پرزنرس ايڪٽ" هيٺ بند آهيون! اسانکي قيد رکڻ لاءِ هڪ صديءَ اڳ جو ايڪٽ ڳولي لڌو ويو آهي. (اهو ايڪٽ انگريزن، شايد انهن کي قيد رکڻ لاءِ منظور ڪيو هو، جن سنڌن اقتدار خلاف جنگ وڙهي هئي.)

ڪالهه جيل جي هڪ سپاهيءَ کي ڏٺم. سندس ڪمر بند تي "سنڌ جيل پوليس" جا لفظ لکيل هئا. اهي بيلٽ انگريزن جي زماني جا شايد اچا به پيا هلن. نه ته ون - يونٽ جي ٺهڻ کانپوءِ ته هيڪاري "سنڌ" جي لفظ کي "حرف - غلط" جيان مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

اڄ صبح ساڻ مينهن وسڻ شروع ٿيو آهي.

وسايم وڏ ڦڙا، مٿي مـاڙين مينهن!

منهنجا سانگي مينهن ۾ سيءَ کان مال کي بچائڻ

۾ رڌل ھوندا. ڪيترا غريب هاري آيرن ڏورن تي اوڇڙ به ڏيندا هوندا. ڇو ته سندن سچو اثاثو نه، سچي مُوڙي آهو مال ئي ته آهي. هاري ڏڳي کي به ”پٽ“ سڏين. ڇاڪاڻ ته آهو سپوت ”پٽ“ وانگر هَرَ ۾ هلي سندن پيٽ پالي ٿو. هاريءَ جو ڏڳو، ٻڪيو يا ڏڪيو، فرمانبردار پٽ وانگر هوندو آهي.

ڪتي ڪتي سياري جو مينهن فصل کي فائدو به ڏيندو آهي. مثلا جتي ٽر يا جبل ۾ جُوار پوکيل هوندي آهي. سو ڪڏهن اهو مينهن به، منداڻتي مينهن وارو ئي فائدو ڏيندو آهي. باقي شاهوڪارن ۽ زميندارن لاءِ سيارو هڪ سوکڙي آهي. آهي ڪاڻ پيٽ ۾ رڌل رهندا آهن. ڪين نه اپرئي جي خبر، نه لٿي جي سُڌ!

شل منهنجن ماروئڙن، سانگيئڙن، ڏنارن، پنهوارن ڪان ڪيت نه ڪسجن. ڏڪاريا ڏيهه مان موذي سب مرن. جن مهانگائيءَ لاءِ ميڙيو، سي سڀ هٿ هڻن.

اڄ اها حالت آهي جو ڪارخانيدار، جيڪي هاريءَ جي پيدائش مان سرمايو ٿا ٺاهين، تن جا گودام ته آن جي انبار سان ڀريل آهن، پر هاريءَ جي گهر ۾ آن ڪڻو به ڪونهي.

هندستان مان لڏي آيل مهاجرن لاءِ ته ڪروڙين رپين جي خرچ سان هزارين ڪوارٽر ٺهرائي کين آباد ڪيو پيو وڃي. ۽ اسانجي هارين جون جُهوپڙيون به ڊُهريل آهن. ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ آهي.

ڪروڙين رپين جي هندن جي ڇڏيل جائداد ن تي ڪنهن قبضو ڪيو؟ هندن جي سامان سان ڀريل دڪانن تي ڪنهن قبضو ڪيو؟ بلڊنگون ۽ ملڪيتون ڪليمن تي ڪنهن هٿ ڪيون؟ اها سڀني کي خبر آهي - ۽ سنڌين کي ڇا ڏنو ويو - "اسلام جو نعرو" پاڪستان جو نظريو - منهنجي خيال ۾ ته اهو نعرو ۽ نظريو ٻئي اسان لاءِ ڪوڪلا ٿيندا پيا وڃن -

صرف تنهنجو،

- قيدي.

# ٢٠

13-12-1958

پيارا —!

سج، ذرڙيءَ کي سجدو ڪري پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو آهي - صبح جو وقت آهي. سامهون گلن جي ٻاري مستيءَ ۾ آهي- گل، هوا جي لهرن تي نچي رهيا آهن.

قيديءَ جي فطرت آهي ته هو هر حسين منظر کي ڏسي خوش ٿيندو آهي- ۽ پوءِ وري جڏهن هتي جي در و ديوار ۽ پهرن تي نظر پوندي اٿس، ته ويڳاڻو ٿي ويندو آهي- سچ، پچ ته، جنهن جاءِ تي اسان آهيون، اتي شاعرانه تخيلات به وڪري ٿا وڃن- چاڪاڻ ته سامهون ڦاسيءَ جو در هڪ خوني راڪاس جيان وات ڦاڙيو بيٺو آهي- آن کي بلڪل سامهون اٺون بند آهيان- رات جو به ان جي در تي هڪ تيز روشني وارو بلب ماحول کي جرڪايو بيٺو هوندو آهي- جنهنڪري ڦاسي گهاٽ هر وقت پيو نظر ايندو آهي، ڏينهن جو به، ته رات جو به!

ٻاهر قيدي ليپو ڪري رهيا آهن- تن مان هڪڙي جي دانهن پئي پوي ”مولا! هاڻي معافي ڏي— هاڻي جان ڇڏاءِ!“

ڪائنات جي ذري ذري کي آزادي آهي. پر هتي انسانن جي آزاديءَ کي هر سال سلب ڪيو ٿو وڃي. ڪيئي ان داتا ماڻهو جيل جي ڪولين جو ۽ ڪيئي

گولين جو ٻڪ ٻنجي چڪا آهن.

جيئن، هر وڏي مڇي، وڏي ٿئي ٿي تڏهن ٿي، جڏهن آها ننڍين مڇين کي کائي ٿي، تيئن؛ هر وڏي ماڻهو کي وڏو ماڻهو ٻنجڻ لاءِ هزارين ننڍين ماڻهن (سياسي، سماجي ۽ معاشي طرح ننڍن) ماڻهن جا حق سلب ڪرڻا پون ٿا- ننڍن جي محنت تي ڌاڙو هڻڻو پوي ٿو. سرمايدار وياج خور دنيا، انهيءَ کي پنهنجي ترقيءَ ۽ واڌاري جو بنياد سمجهي ٿي. سرمائيدار فخريه چوندا آهن، ته اسان اربين رپيا پنهنجي هنر ۽ حرفت سان ڪمايا آهن- پر هن اهو چاڻڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي آهي، ته هڪ رپيو به هاريءَ ۽ مزدور، رستي تي پٿر ڪٽيندڙ پورهيت جي خون جي ڪيترين بوندن ۽ ڪيترن پگهر ڦڙن مان پيدا ٿئي ٿو- "رپيو"- لفظ "رپيو" نهي ٿي مزدور، پورهيت ۽ هاريءَ جي پگهر مان ٿو، ۽ کين رڳو ايترو ڏنو ٿو وڃي، جيئن هو جيئرا رهي سگهن- پنهنجو رت ولوڙيندا رهن-!

سرمائيدار، هاڻي پنهنجي بچاءَ لاءِ حج به ڪري ٿو- ملان کي مسجد به ٺهرائي ڏئي ٿو. چندو به ڏئي ٿو. مذهبي ۽ تبليغي جماعتن جي مالي امداد به ڪري ٿو. اقتدار ۾ آيل وقت جي حڪمرانن کي به خوش رکي ٿو. جيئن سرڪاري فوج ۽ پوليس گولين سان ضرورت وقت مزدورن کي ماري، سرمائيدار جو دفاع ڪري.

مذهبي ٺيڪيدار، وري تقرير ۽ تحرير جي ذريعي بچاءَ ڪن ٿا. صبر ۽ شڪر جي تلقين ڪن ٿا. اڪثر اخبارون ته هنن ئي سرمائيدارن جي رقمن تي پيون ـ مطلب ته انهي سرمائيداري نظام کي قائم رکڻ ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ ڪيڏا نه پاپڙ ويلڻا ٿا پون. ۽ اهڙي ريت آهي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا چند ماڻهو سڄي دنيا جي ڪروڙين عوام کي پنهنجي لٺ سان ڍورن وانگر هڪلي رهيا آهن. هنن، پورهيتن، مزدورن ۽ هارين لاءِ جيڪا دنيا ٺاهي آهي، انهيءَ ۾ جيل به آهن، گوليون آهن، ٽاٽا آهن، ڦاسيون ۽ ٽارچرسيل آهن.

انصاف پيو وڪامي ـ عزت ۽ عصمت پئي وڪامي ۽ عرش وارو به شايد سرمائيدارن وٽ وڪامي ويو ـ!

پنهنجي رهڻ لاءِ جهوپڙي به نه هجي ۽ خدا جي گهرن، مندرن، مسجدن ۽ گرجائن جون چوٽيون آپ ڇهي رهيون هجن. غريب هاريءَ جي ٻار کي جوئر جو ڏوڏو به نه ملي، اهڙين حالتن ۾ آخرڪار انسان جي دل ۾ بغاوت جي باهه ڀڙڪي اٿي ٿي، ۽ آن ۾ سڀڪجهه سڙي وڃي ٿو، مندر مسجد، مذهب ـ سڀڪجهه سڙي راک ٿي وڃي ٿو.

ڪيڏو نه فراڊ آهي!

ڪيڏو نه انڌير آهي.

غريبن جي جهوپڙي اندر اونداهه هجي ٿي ـ جيڪڏهن مينهن پوي، ته اصل؛ مزو اچي وڃي ـ رليءَ کان وٺي ڪپڙن تائين، مجال آهي، جو ڪا شيءِ پڄڻ

ڪان بچي وڃي. ٻئي طرف مذهبي هاء ڳهوڙا پئينڌڙن کي گرم ڪپڙا هجن، بجليءَ سان ڪمري کي گرم سرد رکڻ جو به انتظام ٿيل هجي ـــ! مون کي يقين آهي ته آخرڪار :

سچ پڌر ٿي پڌرو ٿيندو !

ـــ قيدي ه

# ٣١

14-12-58

پيارا !

آرتوار جو خوبصورت صبح آهي، چاءِ جي پيالي سامهون آهي. ۽ مان توسان مخاطب آهيان ـــ

يار ـ! انسان غمن ۾ هجي، يا خوشيءَ ۾، ربل ۾ هجي يا جيل ۾، پر هو ڪنهن نہ ڪنهن ُپل، اڪيلائيءَ ۾، پنهنجي ماضيءَ کي ضرور ياد ڪري ٿو. آئون سمجهان ٿو هيءَ منهنجي متاع ـ زندگيءَ جي ڇٽيهين بهار هوندي. انهن ڇٽيهن سالن ۾ آئون ڇهون ڀيرو جيل ۾ پيو آهيان. خبر ناهي، اجا طبيعت، جيڪا مٿي ڦريلن جهڙي نصيب ٿي اٿم، تنهن کي ڇا ڇا ڏسڻو ۽ سهڻو پوي. پر هڪڙي ڳالهہ صاف آهي تہ اجا منهنجي دل کي سڪون، ذهن ۽ ضمير کي آشتي نہ ملي آهي.

طرحين طرحين ڪوششون ڪيم تہ پنهنجي وڃايل موڙي پنهنجي دل جي سڪون کي ڳولهي لهان، پـر مون جيئن ٿي آن کي ڳوليو، هـو مون کان اوترو ئي دور ٿيندو پئي ويو:

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شـال مَ ملان هوت!

مَن اندر جـا لوچ، مُحِبُ ملڻ سان مانئي ٿئي!

ڪڏهن ٿرن، برن ۾ ڀٽڪيس، ڪڏهن ڪوئٽا جي ڪوهہ ـ مردار سان ڪنڌ ٽڪرايم. ڪڏهن "دره بولان"

۽ مولوي بڻيس. ڪڏهن نانگو سڏايم ۽ ڏانگو تي ڏيکاريم*.
ڪڏهن ڪٽ چڙهيل لوهه کي تپائي، ڳاڙهو ڪري، ڪُٽي ٺپي، لوهار ٿي، ان کي صاف بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪيم. (ڪامريڊ لوهارڪو ڏنڊو به ڪيو. پبلشر) ڪڏهن رائفل ڪلهي تي ڪري شڪاري بڻيس. ڪڏهن "عاشق-مجازي" ۽ "عاشق-صادق" ٿي دنيا ۾ بدنام ٿيس، خوار و خراب ٿيس. ۽ دنيا وارن جڏهن مون کي آزمائڻ جي ڪوشش ڪئي، ته پڳس ڪونه. ڪارونجهر جيئن ڪَر ڪڍي سڀڪجهه سهندو رهيس.

ڪڏهن خاڪساري، احراري ۽ ڪانگريسي ٿي، آخر ۾ سوشلسٽ (سامياوادي) بڻيس. (ليگي ڪڏهن به ڪونه ٿيس!) ۽ بارگاهه اشتراڪيت جي در جون ٺوڪرون کائي ڏٺم.

پر هن دنيا جي سمندر مان مون کي هڪ به موتي نه ملي سگهيو. جتان آيس، خالي آيس. مَن ۾ جيڪو مَچ پٽي پريو، اهو نه اجهاڻو، ۽ نه ئي وري مون کي ڏي جلايائين-

مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته منهنجي اندر ۾ جيڪو مچ پيو پري، انهيءَ جي تپش کي ڪاغذ تي لکي، ڪيئن ٻين کي آگاهه ڪريان. پنهنجي دل چيري

---

* هر سرڪار سان منهن اڙڪائڻ، ۽ ان سڀني جيلن ۾ وڃڻ ۽ پنهنجي مقصد تان نه هٽندي آهه ڳالهه مڃرائڻ جي ڪري ماڻهن مون کي "نانگو" چوڻ شروع ڪيو. ۽ اڃا تائين سڀئي مون کي نانگو چوندا آهن-!

تنهنجي اڳيان رکان. مون وٽ اُهو وسيلو ناهي، جنهن سان آئون توکي ۽ سڄيءَ دنيا کي پنهنجي اڌ ٽيل اندر جي باري ۾ ٻڌائي سگهان.

ها ـــ زندگيءَ جو قافلو روان دوان آهي. مان انهيءَ ۾ هٿين خالي آهيان، هڪڙي آس آهي ۽ رهندي. آها آهي 'عالمي انقلاب' کي ڏسڻ جي آس. وطن کي بگهڙن واتان ڇڏائڻ جي آس. ڏڪارين کي ڏيهه ۾ ٽڙجندو ڏسڻ جي آس. مارئيءَ کي آزاد ڏسڻ جي آس. ڪوڙن کي ڪرندي ڏسڻ جي آس.

سانگي سگهيا هون ـــ اسان تي اوٽ الله جي!

ـــ قيدي

## ٢٢

26-1-59

پيارا دوست علڻ!

مون کي جڏهن والد صاحب جي بيماريءَ جي خبر پيئي، ته مون هڪ تار جيل وارن کي لکي ڏني ته هوم سيڪريٽريءَ کي موڪلين جيئن مون کي پيرول تي آزاد ڪيو وڃي ۽ آخري وقت ۾ وڃي واري موڙيءَ جي ڪجهه خدمت ڪري سگهان، يا گهٽ ۾ گهٽ پوڙهي پيءُ جا سڀاجها هٿ ئي منهنجي مٿي تي گهمن. پر اُها تار به جيل وارن جي قانوني موشگافين جي چارَ ۾ ڦاسي پيئي. ۽ موڪلي ان ڏينهن وئي، جنهن ڏينهن ڀاءُران والد صاحب جي وفات جي تار پهتي–!

اُها تار مون کي ڏيڍ ٻدران سي-آء-ڊيءَ وارن کي موڪلي وئي. ٻن ٽن ڏينهن بعد جڏهن اسان جو سينئر جيلر آيو ته مون ڪانئس ٽپال بابت پڇيو. هن ٻڌايو ته خط آيو آهي. پڇيو مانس: ”ڪا خير جي خبر آهي؟“ هن جي پان هاڻي وات مان اهي ڪلما نڪتا: ”آپ ڪي والد انتقال فرماگئي.“

منهنجو جسم سَت ڇڏي ويو. الائي ڪيئن اتان هليو ويس ۽ ٻاهرئين پاسي ڪمرن جي پوئين طرف وڃي اڪيلائي ڳوڙها لڳس. اکين مان ڳوڙهن جا قافلا روان

ٿي ويا. سڏڪا ۽ لڙڪ - هڏڪيون ۽ سڏڪا - بند ڏي ٿي ٿيا.

واپس اچي پنهنجي 'هنڌ' ۾ سمهي پيس. آئون اڄ ماءُ جي ممتا کان پوءِ، شفقت - پدريءَ کان به محروم ٿي ويو هئس.

جيڪر قيام ملن، ته به هوند اوڏا سپرين!

مون کي ياد آهي، ته مارشل لا جي لڳڻ وقت آئون ٽبي سر * آيل هئس ۽ ميلو لڳل هو. آئون اُن ۾ رڌل هئس. ريڊئي تي سمورن وڏن اڳواڻن جي گرفتارين جون خبرون پئي نشر ٿيون. اڄ پاشاني گرفتار ڪيو ويو. اڄ جي-ايم سيد- اڄ حيدر بخش جتوئي - ۽ ٻيا. اُن ڪانسواءِ اعلان به پئي نشر ٿيا ته: ”مرزا، ۽ پاڪستان جي غدارن کي موقعو آهي، ته اهي ملڪ ڇڏي وڃن.“ بي خبر آئون به ڪونه هئس. مون ڄاتو ٿي ته انهيءَ قافلي جي راهين ۾ هڪ همسفر آئون به آهيان، في الحال پنهنجي واري جي انتظار ۾.

گهر وارن به اِها ڳالهه سمجهي ٿي. سو اڳواٽ سڀ پريشان هئا. ١٢ آڪٽوبر تي آئون گهر آيس ته سڄو گهر اداس هو. منهنجي جيون ساٿڻ ۽ نورچشم مهرالنساء به مغموم هئي. آئون والد صاحب جي ڪٽ وٽ وڃي ويٺس ۽ بي اختيار امان ٻئي پاڪر ۾ پئجي وياسين. هن منهنجي پيشانيءَ تي چمي ڏني. اها آخري،

---

* ٽبي سر روڊ، منهنجو ڳوٺ.

۾ موڪلائيءَ جي چمي ۾ پاڪائي هئي. سنڌس زبان مان اِهي اکر نڪتا: ”شل تارن ۾ چنڊ هجين! شل جهان ۾ جرڪيو هجين.“

سا ڳئي ڏينهن جڏهن آئون ميرپورخاص روانو ٿي رهيو هئس ته والد صاحب پڇيو:

”بابا وڃين ٿو؟“

”هائو! لڪيو ڪيترو. اڳتي وڌڻ کپي. مٿان چون بلوچ، ته ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو!“ مون وراڻيو.

سنڌس اکيون آليون هيون. اِهي اکيون بس مون آخري ڀيرو آن مهل ڏٺيون!

آئون ٻوڙي اچي گاڏيءَ ۾ چڙهيس. ميرپورخاص ۾ ١٤ آڪٽوبر (١٩٥٨ع) تي رات جو چئين وڳي سي-آءِ ڊيءَ جي انسپيڪٽر عبدالله خان بروهيءَ اچي ننڊ مان مون کي اٿاريو. ان بعد هِتي ڪيئن پهتس، اهو هڪ الڳ داستان آهي.

هيءَ زندگي هوندئن ته حادثن لاءِ پيدا ٿي آهي. پر هِن جاءِ تي ته سواءِ مات جي، سواءِ خون-جگر پيئڻ جي ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ ڇاڪاڻ ته هي اها جاءِ آهي، جتي موٽ وقت ترڙپڻ جي به منع آهي.

شل اسان جا هاري ۽ پورهيت سکيا ٿين، سنڌن ٻنيون ٻارا ۽ ڪکاوان آجها سلامت هجن. شل انهن تان زميداري ظلم لهي ۽ ڌاريان دشمن هتان ترجي نڪرن اِهي صدائون قيديءَ جي قلب مان پيون نڪرن.

منهنجو غم مون سان آهي. پر هي مڙهه هوندن ڏي ڦنا ٽيٽو آهي. پر بقول پٺاڻيءَ جي:

هونهين هوند مياس، پر ٻڌيءَ جا پيٽا ٽيا!

چڱو پيارا

فقط تنهنجو:

— قيدي.

۲۳

27-1-1959

پيارا علڻ!

اسان وٽ جيستائين انقلاب نہ آيو آهي، تيستائين هتي جو ڪوبہ مسئلو حل ٿيڻو ناهي۔ ۽ سڀ ڪان وڏو مسئلو "انقلاب" آهي. جنهنجي اچڻ سان پيا مسئلا پاڻهي حل ٿي ويندا.

جيستائين اهو انقلاب نہ ايندو تيستائين هي۽ "اصلاح" اجايا آهن۔ تيستائين سڀ بيان بازيون بڪواس آهن۔ هن معاشري ۾ ان وقت تائين نوان جيل ٺهندا رهندا. نيون اسپتالون، چرين جا گهر ٺهندا رهندا. نيون پوليسون، نوان سي - آء - ڊي جا قسمين قسمين عملا ۽ نئين قسم جون اينٽي ڪرپشن انفورسمينٽ پوليسون ۽ اينٽي اسمگلنگ اسڪواڊ قائم ٿيندا رهندا.

انهن سڀني جو علاج نہ ملن جا وعظ آهن، نہ ليڊرن جون تقريرون - ان جو علاج هڪ لفظ ۾ لڪل آهي. ۽ اهو آهي لفظ "انقلاب" اميد تہ ان بابت غور ڪندين.

صرف تنهنجو:

— قيدي.

## ٢٤

29-1-1959

پيارا سائين!

صبح جو وقت آهي- هرڪو پنهنجي ڪرت ڪي لڳو پيو آهي. منهنجي طبعيت، منهنجي دل ۽ منهنجو قلم، چاهي ٿو، ته توسان مخاطب ٿيان. قلم ڇا آهي -؟ اها عجيب شيءِ جيڪا دلين جي ڳالهين کي ڪاغذ تي آڻي ٿي. اڙدو شاعرن جي لٺ سردار غالب انهيءَ بابت ڏي پنهنجو پهريون شعر چيو آهي:

نقش فريادي هي ڪسڪي شوخئي تحرير ڪا،
ڪاغذي هي پيرهن، هر پيڪر- تصوير ڪا!

اڄ صبح جو هڪ همراهه جي زندگيءَ جو چراغ منهنجي اکين سامهون اجهاڻو آهي. يا ائين چئجي ته اجهايو ويو آهي. اڳي لکيو اٿم ته اسانجي وارڊ جي دروازي کان ڏهن قدمن تي ڦاسيءَ واري جاءِ آهي. اڄوڪو همراهه ڇاپئين ڏاڙهيءَ سان خيرپور جو هڪ سنڌي هو. کيس ڦاسيءَ تي چاڙهڻ لاءِ جڏهن ميجسٽريٽ وٽ آندو ويو ۽ هن کي سڄي ڏوهه جو داستان ٻڌايو ويو ۽ ڪانئس وصيت پڇي وئي، ته هو بلڪل همت سان جواب ڏيندو رهيو. سنڌس ڇهري تي پڇتاءُ جو ڪوبه ذاثر گهٽ ۾ گهٽ مونکي ته نظر ڪونه آيو. هن قبول ڪيو ته مون ڏوهه ڪيو آهي- ان بعد کيس ڪاري ٽوپي يا نقاب

ٻاڌايو ويو. ۽ تختو دار تي ٻيهر رکڻ مهل هن چيو ته
”قرآن! تون واهر ڪج.“ ايتري ۾ جهٽڪي سان هن
جي پيرن هيٺان تختو ڪري ويو. ۽ پنجن سيڪنڊن ۾
هو زندگيءَ جي سرحد ٽپي چڪو هو. ڊاڪٽر سندس (نبض
ڏسي) موت جي تصديق ڪئي. ۽ پوءِ سڀئي واپس هليا ويا.

زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو، مون اهو ڀيانڪ منظر
ڏٺو هو. جيڪو اڄ تائين سمجهان ٿو ته ڪڏهن به وساري
نه سگهندس. ائين ٿو لڳي ڄڻ اهو هڪ خواب هو،
جو گذري ويو. پر الائي ڇو؟ انهيءَ چاپئين ڏاڙهيءَ
واري سنڌي نوجوان جي تصوير منهنجي اکين ۾ پئي ڦري.

صرف تنهنجو:
— قيدي.

# پڙهه، باڪون ڪڍيون!

منهنجي پياري وطن جا رهواسيو!
اُٿو ـــ! عظيم انقلاب لاءِ اُٿو !
اسان آزاديءَ لاءِ قربانيون ڏنيون
انگريز جون گوليون سٺيون
اسان جي ملڪ جي جوانن کي
آزاديءَ جي اڳواڻن کي
بهادر حرن کي
("حر" جنهن جي معنيٰ آهي آزاد
آزاديءَ جي انهي پياري نالي کي)
آزاديءَ لاءِ وڙهندڙن کي
ذاڙيل ۽ ڦورو چئي بدنام ڪيو ويو-
ڪڏهن ته هٽلر ۽ مسوليني‌ءَ سان
تشبيهه ڏني ويئي ته اهي به حر آهن.
نيٺ اهو انگريز ويو-
گورن آقائن جي جاءِ ڪارن حاڪمن ورتي.
برادري، برابريءَ جي نالي ۾ ـــ
اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ ـــ
قرآن ۽ ايمان جي نالي ۾ ـــ
اخوت ۽ مساوات جي نالي ۾ ـــ
هڪ نبي، هڪ اسلام، هڪ خدا جي نالي ۾ ـــ
اسان سان ويل وهايا ويا.

اسان پنهنجي مهمان نوازيءَ جي
شان کي نظر ۾ رکيو-
اسان پنهنجون دليون کولي ڏنيون.
اسان پنهنجا شهر ڇڏيا- ڳوٺ ڇڏيا.
اسان پنهنجون نوڪريون ڇڏيون.
اسان پنهنجون زمينون ڇڏيون.
اسان واپار ڇڏيو-
اسان ڳوٺن ۾ ڏاريا ٿياسين.
پر هنن کي اسان جون اهي ڀلايون
وسري ويون.
اڄ اسين جاهل ٿا سڏجون.
اسين ابوجهه آهيون-
اسان کي مال - غنيمت سمجهي،
ڦريو پيو وڃي.
اسان جي رت پگهر جا ٣٠ ڪروڙ رپيا،
هو لاهور کڻي ويا.
اسان اوهان کي حڪومت ڏني.
اسان اوهان کي اسيمبلي هال ڏنو.
اسان اوهان کي پناهه ڏني.
اسان اوهان کي ڪراچيءَ جو بندر ڏنو.
تنهن هوندي به اسين مفتوح - اوهان فاتح!
اسين مغلوب اوهان غالب!
اهي سڀ ڳالهيون، اهي سڀ ناانصافيون،
اسانجن هٿ ٺوڪين ليڊرن کي

ڪرسيءَ جي لالچ ڏيئي
توهان ڪيون آهن.
ڪٿي آهي پاڪستان جو ١٩٤٠ع وارو ٺهراءُ!؟
انهيءَ ۾ ته صوبائي آزادي آهي-
ڪٿي آهي اهو بنيادي ٺهراءُ؟
ڪٿي آهي پاڪستان جي اها پهرين ڳالهه ـ؟
هاڻي توهان سڀ ڪجهه ڀلائي ڇڏيو.
توهان صوبائي آزادي ختم ڪئي -
توهان سنڌ جو نالو مٽايو-
توهان پنهنجي فتح جي زعم ۾ ائين ڪيو.
بهانو وري ڪهڙو؟
چي: "صوبائي آزاديءَ جي ڪري،
خرچ گهڻو ٿو ٿئي- انتظام سڌارڻو آهي!"
پوءِ توهان سڌاريو اهو انتظام؟
يا ماڳهين بگاڙيو ـ!؟
اصل ۾، توهان اهي سڀ ڪم انهيءَ لاءِ ڪيا،
ته جيئن اسانکي پنهنجي ڪالوني بنائي سگهو.
پوءِ توهان اسان جي زمينن تي قبضو ڪيو.
اسانجون نوڪريون کسيون.
جي اسين ڪڇون، ته اسان کي توهان
صوبائي تعصب جو مهڻو ڏيو.
اسانکي جاهل رکو.
اسان تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪريو ـ
ها ـ توهان سڀ ڪجهه ڪريو -

ڏوهان هر شيءِ تي قبضو ڪريو -
پر اسانجون دليون
توهان قبضي ۾ نه ڪري سگهندا.
اسانکي جسماني غلام ته بڻايو ٿا،
پر اسانکي "ذهني غلام" نه بڻائي سگهندؤ
توهان انگريزن جي ڏسيل سبق تي هلي رهيا آهيو.
پر هڪڙي ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو.
پلي هلو - پلي انهيءَ جو ڏسيل نسخو آزمايو.
انگريزن وٽ وڏي طاقت هئي.
توهان وٽ ته انهيءَ طاقت جو
ڏهون حصو به ڪونهي -
توهان ڇا ڪندؤ ؟
جهر جهنگ ۾ آزاديءَ جي شمع ٻري پري -
اڪثريت جي زور تي طاقت جي زور تي،
توهان هر شيءِ تي قبضو ڪيو آهي.
پر ياد رکو -
اهو قبضو مهانگو پوندو.
ديس جيءَ خاڪ ۾ نيٺ خاڪ تي ويندؤ.
اسان سج کان روشني آڻيندا سون.
ڪرڻ کان گجگوڙ آڻيندا سون.
وڄ کان چمڪاٽ آڻيندا سون.
اسان وٽ ايٽم بم کان به طاقتور بم هوندا -
اسان جي دلين جو يقين آهي ته،
اسان غلاميءَ مان نڪرنداسين.

منهنجو وطن - شاهه جو وطن -ساميءَ جو وطن -
سچل جو وطن - حيدر جو وطن -
ضرور آباد ٿيندو.
حيدر کي قيد ڪرڻ سان،
سنڌ ڪيس وساريندي ڪڏهن به نه -
سنڌ جي شهيدن جي سردار پير سائين پاڳاري رحه کي
سنڌ وساريندي - ؟؟
ڪڏهن به نه ---!
ڦاهيءَ جو اهو ڦندو ڏکيو ٿيندو ويندو -
۽ وطن جي دشمنن جون ڪڇيون،
انهيءَ ڦاهيءَ جي ڦندي ۾ ڦاسنديون -
هو ڏسو ---!
چاچڙيءَ جو عوام جاڳيو آهي -
هو ڏسو ---!
عمر جي ٿهري ڪوٽ کي ڪيرائڻ جا سانباها،
عمرڪوٽ مان ٿي رهيا آهن -
هو ڏسو ---!
سڀاڳي سنڌ ۽ ماروئڙيءَ جي سنڌ -
۽ سندس ماڪي آئي رهيا آهن -
آزاديءَ جو ڳاڙهو جهنڊو ڪيچ تي جهولائيندو -
گرنار تي ڦڙڪندو -
جهونا ڳڙهه ۾ آزادي ايندي -
عظيم سنڌ - سڀاڳي ۽ سڀاجهي سنڌ،
جنهن کي بندرگاهه پنهنجا آهن -

جنهن جو مهراڻ موجون ڪائي رهيو آهي.
اها مهراڻ واري عظيم سنڌ.
موهن جي دڙي واري عظيم سنڌ.
جا ڳڀي پٽي – ! ۽ جاڳن پيا اُن جا واسي.
ضرور پنهنجي تهذيب کي بچائيندا – !
پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ اُٿندا – !
ڪير ٿو چئي ته هيءَ آزادي آهي،
جيڪا اسان پيا ڏسون.
جنهن ۾ گهر خالي – پيٽ خالي.
ڳوٺ ڦُريا پيا وڃن.
قبرستان ۽ پنهنجن پيارن جون قبرون
ڪيڙيون پيون وڃن.
جيڪو اُٿي، يا آٿاري،
جيڪو آواز ڏئي،
انهيءَ کي گهٽو ٿو ڏنو وڃي.
وطن جون ماروين! وطن جا مارو ئڙؤ!
دلگير نه ٿيو.
اداس ۽ ويڳاڻا نه ٿيو.
آزادي
امن
انسانيت –––
اوهان جو ڏاج آهي – !
آهو ڪوبه توهان کان کسي نه سگهندو.
سنڌ جا ڳوٺ ۽ واهڻ – شهر ۽ وستيون

اٿندا.
۽ پوءِ دنيا ڏسندي ته،
آزاديءَ جو سج اڀرندو.
ڳوناڻن جا چڙا چونگاريندا-
نئُ وچند و رهند و-
هيءُ بند يخانا پڇندا-
هيءُ زنجيرون ٽٽنديون-
ملير موٽبو-
سنڌ سائي ٿيندي،
ڪُر نه لڄائبو ـــ!
ڪو ڏينهن ڪوٽ ۾ رهي، لوئي نه لڄائبي-
ڪٿي نه لاهبي-
عمر جي ڊپ ۽ لالچ ڪان نه ڊڄبو-
هو ـــ! آزادي پئي اچي!
هو ڪيتن ۽ بنين ۾ هاري اٿيا آهن-
وطن جا ويري پڇي رهيا آهن ـ؟
وطن ۽ هموطن زنده ۽ آباد رهندا-
شاد رهندا-
اُٿو! آزاديءَ جا متوالا اٿو!
اُٿو! ۽ انقلاب جو گيت ڳايو!
۽ نعرو هڻو
”انقلاب زنده باد!“

عمرڪوٽ سب جيل،
١٦- فيبروري ١٩٦٥ع.

# پڇاڙي

ڪوپرنسڪيءَ جي موت کان ست سال پوءِ اٽليءَ ۾ گارڊينو برونو جنم ورتو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا. جن مان هڪ ڪتاب ”ڪائنات ۽ دنيا“ ڏاڍو مشهور ٿيو. ان ۾ هن ڪوپرنسڪيءَ جي نظريي جي حمايت ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ سندس ٻيا ڪتاب جهڙوڪ: ”ايوننگ ڪانشيئس“ ۽ ”دي ون سول ڪاز آف ٿنگز“ به گهڻو مشهور ٿيا.

١٥٨٤ع ۾ هن هڪ رسالو ”فتح مند وحشيءَ جو اخراج“ جاري ڪيو، جنهن ۾ هن پنهنجي نظرين جي اپٽار شروع ڪئي. پادري هن تي ڪاوڙجي پيا. سندن قهر کان بچڻ لاءِ هن پهريائين سوئٽزرلينڊ، پوءِ فرانس، انگلينڊ ۽ جرمنيءَ ۾ پناهه ورتي. پر انڪوئيزيشن جا ڪتا هن جي پٺيان لڳا رهيا. آخرڪار کيس اٽليءَ ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ وينس جي جيل ۾ هن کي ستن سالن تائين رکيو ويو. جتي هن کي لکڻ پڙهڻ لاءِ ڪاغذ ۽ قلم بلڪل نه ڏنو ويو.

مذهبي ٺيڪيدارن جي ”گهر تي برونو کي وينس کان روما منتقل ڪيو ويو. ٻن سالن کان پوءِ کيس انهيءَ الزام: ته هيءُ ملحد ته آهي، پر ملحدن جو به سردار آهي، جي پاداش ۾ عدالت آڏو آندو ويو. اتي کيس مسيحي برادريءَ مان خارج ڪيو ويو، ۽ کيس

توبهه ڪرڻ لاءِ چيو ويو. پر جڏهن هن توبهه ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ته هن کي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ڪورٽ فيصلو ڏنو ته هن کي نرميءَ سان اهڙي سزا ڏني وڃي، جيئن هن جي رت جو هڪ ڦڙو به "پاڪ زمين" تي نه ڪري. مطلب اهو هو، ته کيس باهه ۾ ساڙيو وڃي. برونو ڪليءَ عدالت ۾ جج کي جواب ڏنو، ته: "توهان مون کي ساڙي ماري ته سگهو ٿا، پر منهنجي نظرئي کي تبديل نٿا ڪري سگهو. مون کي پنهنجي نظرئي کان ڦيرائي نٿا سگهو. توهان جي انهيءَ فيصلي جو منهنجي دل ۽ دماغ تي ذرو جيترو به اثر نه ٿيو آهي، جيترو ڊپ، مون کي اها سزا ٻڌائڻ وقت خود اوهان کي ٿيو هوندو-!"

١٦- فيبروريءَ ١٦٠٠ع تي انهيءَ فيصلي جي تڪميل ڪئي ويئي، جڏهن برونو کي جيئري جلايو ويو.

سلام آهي اهڙن انسان دوست شهيدن تي، جن سائنس ۾ ڏاهپ لاءِ جانيون ڏنيون، جيڪي مذهبي پاڳلن هٿان اڳ جي اوڙاهه ۾ اڇلي ساڙايا ويا.

پسي لهس نه ليڇيا سڙيا مٿي سچ
ڳچين سندا ڳچ، ويچارن وڄائيا!
(شاهه رحه)

١٤-٢-١٩٥٩
پراڻو قاسي گهاٽ
سينٽرل جيل
حيدرآباد سنڌ-

# اندرين صفحن ۾ پڙهو

● لفظ ”رپيو“ نهي ئي مزدور، پورهيت ۽ هاريءَ جي پگهر مان ٿو.

● ”بابا – وچين ٿو-؟“ پوڙهي پيءُ پڇيو.
”هاڻو لکيو ڪيترو؟ اگتي وڌڻ ڪپي. متان چون بلوچ ته ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو-“!

● پنهنجي رهڻ لاءِ جهوپڙيءَ به نه هجي، ۽ خدا جي گهرن، مندرن، مسجدن ۽ گرجائن جا منارا آپ ڪي ڇهي رهيا هجن. غريب هاريءَ جي پار ڪي جوڙ جو ڏيڍو به نه ملي، تڏهن، آخرڪار انسان جي دل ۾ بغاوت جي باهه ڀڙڪي اٿي ٿي- ۽ ان ۾ سڀڪجهه سڙي وڃي ٿو: مندر، مسجد، مذهب- سڀڪجهه!

● هن جيڪا پورهيتن، مزدورن ۽ هارين لاءِ دنيا ٺاهي آهي، انهيءَ ۾ جيل به آهن، گواڻيون آهن، ٽاٽا ۽ ٽاچر- سيل آهن-

● ڏڪر جي زماني ۾ جڏهن کائڻ لاءِ ڪجهه نه هوندو هو، ته امڙ، ڪنڊيءَ جي وڻ مان سڪل ”سڱر“ وڍي، پيهي، ان مان مون لاءِ ماني پچائي ايندي هئي- مون کي اٽي جي ڇاڻ جون مانيون به ياد آهن- پر جيڪو ميناج سڱرن جي مانيءَ ۾ هو، ان جي پيٽ، اڄون دنيا جي ڪنهن به طعام سان نٿو ڪري سگهان!

● منهنجي آخري تمنا اهائي ٿيندي، ته:
”جيئڻو پلي، پر جيئڻ به ڏيو!“
● انصاف پيو وڪامي، عزتون ۽ عصمتون پيون وڪامن - عرش وارو به شايد سرمائيدارن وٽ وڪامي ويو آهي ــ!
● کهڙو پاور ۾ اچي، ته به اسين اندر!
قاضي ڪاوڙجي، ته به اسين جيل ۾ - غلام محمد خواجي ناظم الدين کي ڪرسيءَ تان لاهي، ته به اسين اندر - لياقت علي نهروءَ کي مڪو ڏيکاري، ته به اسين اندر - اسڪندر مرزا جي سڪندريءَ کي خطرو ٿيو ته به اسين اندر - ۽ هاڻي جڏهن اسڪندر ويو آهي، ته به اسين اندر آهيون!
● جيستائين انقلاب نه ايندو، تيستائين هن معاشري ۾ نوان جيل ٺهندا رهندا - نوان چرين جا گهر تعمير ٿيندا رهندا - نيون پوليسون، سي - آءِ - ڊين جا قسمين قسمين عملا ۽ ڪئين قسم جون اينٽي ڪرپشن انفورسمينٽ پوليسون ۽ اينٽي اسمگلنگ اسڪواڊ ٺهندا رهندا -
● هاري ڍڳي کي به ”پٽ“ سڏين - چاڪاڻ ته اهو سپوت پٽ وانگر، هر ۾ هلي سندن پيٽ پالي ٿو. هاريءَ جو ڍڳو بکيو يا ڏکيو، فرمانبردار پٽ وانگر هوندو آهي.
● ڪيئي ”ان داتا“ ماڻهو جيل جي ڪولين جو، ۽ ڪيئي گولين جو ٻڪُ بڻجي چڪا آهن-